جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
ايڊيٽر: سيد گل شاه
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
جلد 16 | آچر 26 اپريل 2026ع بمطابق 08ذوالقعد 1447هه | قيمت: 20 | شمارو 200

وِٽڪوف ۽ ڪشنر ڳالهين لاءِ اڄ پاڪستان ايندا، روبرو ڳالهيون نہ ٿينديون: ايران

آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس هن وقت پاڪستان جو دورو ڪرڻ جو ارادو نٿو رکي. جي ڊي وينس پاڪستان نہ اچي رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ ايراني اسپيڪر باقر قاليباف هن ڀيري ڳالهين جو حصو نہ آهي

باقر قاليباف کي ايراني وفد جي سربراهہ ۽ جي ڊي وينس جي هم منصب طور ڏٺو پيو وڃي جيڪڏهن ڳالهيون اڳتي وڌن ٿيون تہ جي ڊي وينس ڪنهن بہ وقت پاڪستان جو دورو ڪرڻ لاءِ تيار آهي

جي ڊي وينس جو عملو اسلام آباد ۾ هوندو ۽ ڳالهين جو حصو هوندو. آمريڪي وفد سان روبرو ڳالهيون يا ملاقات نہ ڪنداسين. ايران ايراني وفد پاڪستان تي واضح ڪيو آهي تہ هو وٽڪوف ۽ ڪشنر سان روبرو ملاقات يا ڳالهيون نہ ڪندا

چو تہ هو اسانجي هزارين شهرين جا قاتل آهن. ٻنهي ڌرين ۾ تجويزن جي مٽا سٽا پاڪستان معرفت ڪئي ويندي. عباس عراقچي جيڪو جمعي ۽ ڇنڇر واري رات دير سان مختصر وفد سان گڏ اسلام آباد پهتو

ڊپٽي وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ چيف آف ڊفينس فورسز عاصم منير سندس استقبال ڪيو هو. برطانيہ ايران جي انقلابي گارڊ کي دهشتگرد تنظيم طور نامزد ڪرڻ لاءِ قانون سازي ڪندو

استارمر جو قدم يهودي گروهن ۽ ايران ۾ مذهبي حڪومت جي مخالفن جي مطالبن کي پورو ڪندو. مئي ۾ برطانيہ جي بادشاهہ چارلس جي متوقع تقرير ۾ ان کي شامل ڪرڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو

واشنگٽن (م ڊ) ٻن آمريڪي عملدارن سي اين اين کي ٻڌايو تہ صدر ٽرمپ اسٽيو وِٽڪوف ۽ جيرڊ ڪشنر کي ڳالهين لاءِ اسلام آباد موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي. آمريڪي ميڊيا موجب، آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس هن وقت پاڪستان جو دورو ڪرڻ جو ارادو نٿو رکي. جي ڊي وينس پاڪستان نہ اچي رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ ايراني اسپيڪر باقر قاليباف هن ڀيري ڳالهين جو حصو نہ آهي. آمريڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

وزيراعظم سان ايراني پرڏيهي وزير جي وفد سميت ملاقات، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ ايراني وفد ملاقات ڪئي

وزيراعظم هائوس ۾ ٿيل ملاقات ۾ نائب وزيراعظم، پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ چيف آف آرمي اسٽاف، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير بہ وزيراعظم سان گڏ ملاقات ۾ شريڪ هو

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ ايران جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر سيد عباس عراقچي جي اسلام آباد ۾ ٻين آفيشلز سان گڏ ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ خطي جي گڏيل صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ايران ۽ پاڪستان جي وچ ۾ علاقائي سيڪيورٽي ۽ ٻطرفي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ملاقات ۾ پاڪستان جو گهرو وزير محسن نقوي ۽ قومي سلامتي جو صلاحڪار جنرل عاصم ملڪ بہ شريڪ هو. ايراني وفد ۾ نائب پرڏيهي وزير غريب آبادي، سفير رضا اميري مقدم ۽ پرڏيهي وزارت جو ترجمان بقائي بہ شامل هو

ايران ۽ پاڪستان خطي ۾ امن، استحڪام کي هٿي ڏيڻ تي زور ڏنو. پاڪ ايران لاڳاپا ۽ سيڪيورٽي تعاون وڌيڪ مضبوط بنائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) ايران آمريڪا ڳالهين جي ٻئي دور لاءِ مشاورتي عمل جاري آهي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ ايراني وفد ملاقات ڪئي. ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان وزيراعظم ملاقات لاءِ وزيراعظم هائوس پهتو وزيراعظم هائوس ۾ ٿيل ملاقات ۾ نائب وزيراعظم، پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ چيف آف آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام اباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي ملاقات ڪندي

پاڪستان وچ اوڀر جي بحران دوران ڏکڻ ايشيا کان اڳتي وڌي هڪ اهم ڪردار طور سامهون آيو آهي: آمريڪي رسالو

آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جاري بحران ۾ هڪ مرڪزي ثالث جي حيثيت اختيار ڪندي نظر اچي رهيو آهي

پاڪستان جي فوجي قيادت مُشڪل ۽ حساس سفارتي صورتحال کي ڪاميابي سان سنڀالي رهي آهي

جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان علائقائي سياست جي نقشي مان نڪري هڪ سرگرم ۽ مرڪزي ڪردار طور سامهون آيو آهي

اسلام آباد (بيورو) وڌندڙ علائقائي تڪرارن جي ڏس ۾ پاڪستان عالمي سفارتڪاري جي ميدان ۾ ه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

جنگبندي جي پيچيدگي: ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيلي حملن ۾ وڌيڪ 6 ڄڻا شهيد

جتي گذريل ڏينهن بہ ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيل حملا ڪيا جنهن جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا شهيد 2 زخمي ٿي پيا

جنگين سبب ايران ۽ لبنان ۾ 3 ڪروڙ 20 لک ماڻهو بي گهر ٿيا آهن ڪيترائي صحت مرڪز تباهہ يا بند ٿيل آهن

تل ابيب (م ڊ) ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيلي حملن جي نتيجي ۾ وڌيڪ 6 ڄڻا شهيد ٿي ويا. لبنان ۾ جنگبندي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيحي آفريدي سان ترڪي جو وفد ملاقات ڪندي

عالمي صورتحال سبب مهانگائي خلاف احتجاج ملتوي ڪيو

موجوده عالمي صورتحال پريشاني پيدا ڪئي آهي. جي يو آءِ (ف) سربراهہ

لوڙران (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان عالمي صورتحال جي ڪري مهانگائي خلاف تحريڪ جي سڏ کي ملتوي ڪري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب18

اسلام آباد: ايراني صدر پاڪستان پهچڻ تي استقبال ڪيو پيو وڃي

ايران پاران آگسٽ ۾ ڪيسپين سمٽ منعقد ڪرڻ جو اعلان

ماسڪو (م ڊ) ايران هلندڙ سال آگسٽ ۾ ڪيسپين سمٽ منعقد ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي. پرڏيهي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

آمريڪا پاران روس جي تيل جي ڇوٽ ۾ وڌيڪ واڌ ڪرڻ کان انڪار

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا جي ناڻي واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ واضح ڪيو آهي، تہ واشنگٽن روس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

پاسداران انقلاب آبنائي هرمز مان گذرندڙ ٻن جهازن کي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو

اهو قبضو بحري فوج طرفان مڪمل جاچ ۽ گهري انٽيليجنس نگراني کان پوءِ ڪيو ويو

قبضي ۾ ورتل سامونڊي جهازن گذريل ڇهن مهينن جي دوران آمريڪي بندر گاهن جي لاءِ ڪيترائي سفر ڪيا آهن

تهران (م ڊ) ايراني پاسداران انقلاب جي بحريہ آمريڪي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

صدر آصف علي زرداري 5 ڏينهن جي سرڪاري دوري تي چين روانو

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چين جي حڪومت جي دعوت تي ڇنڇر کان پهرين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

سنڌ ۾ هن سال ڊينگي جا 220 ڪيس رپورٽ

پهرين جنوري کان 23 اپريل تائين ڪراچي ۾ ڊينگي جا 183 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن

هن سال ڪراچي ۾ ڊينگي سبب هڪ مريض فوت ٿيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) هن سال تائين سنڌ ۾ ڊينگي جا 220 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. سنڌ جي صحت کاتي موجب، پهرين جنوري کان 23 اپريل تائين ڪراچي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جي صدارت ۾ اجلاس، خطي جي تازي صورتحال جو جائزو ورتو ويو

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جي صدارت ۾ اجلاس، خطي جي تازي صورتحال جو جائزو ورتو ويو

ايران_آمريڪا سهولت جي عمل بابت پاڪستان جي سرڪاري پاليسي اهائي آهي جيڪا صرف سرڪاري ذريعن ذريعي جاري ڪئي ويندي آهي

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم / پرڏيهي وزير س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

لاهور: صدر آصف علي زرداري نواب شهزاد علي خان جي نياڻي جي شادي ۾ شريڪ آهي

مون سنڌ جي 52 فيڊرن کي لوڊشيڊنگ کان فري ڪرائي ڇڏيو آهي: ايم اين اي اياز شاهہ شيرازي

سجاول ٽائون جي انڊس شادي هال ۾ حيسڪو ۽ سيپڪو جي انتظاميہ کي ايم اين اي سيد اياز شاهہ شيرازي پاران شاندار آجياڻو ڏئي عاليشان استقبال ڪيو

تقريب ۾ آيل مهمانن کي ايم اين اي سيد اياز شاهہ شيرازي، ٽائون چيئرمن آفتاب اڪرم شاهہ شيرازي، سيد غلام حسن شاهہ شيرازي، سيد اظهار شاهہ شيرازي ۽ ٻين پاران اجرڪون ۽ لنگيون پارايون

هن وقت حيسڪو ۽ سيپڪو جي اعلي ڪارڪردي کان وڻندي هاڻ حيسڪو خساري ۽ نقصان ۾ وڃڻ بجاءِ ترقي ۽ فائدي طرف وڃي رهي آهي : اياز شاهہ شيرازي

ٺٽو (رپورٽر) عوام دوست ايم اين اي سيد اياز شاهہ شيرازي جي ڪوشش سان ضلعي سجاول جي ٻيو تالپر فيڊر کي لوڊشيڊنگ فري زون بنائڻ جي خوشي ۾ سجاول ٽائون جي انڊس شادي هال ۾ حيسڪو ۽ سيپڪو جي انتظاميہ کي ايم اين اي سيد اياز شاهہ شيرازي پاران شاندار آجياڻو ڏئي عاليشان استقبال ڪيو. تقريب ۾ آيل مهمانن کي ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب17

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافو، پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس ڀاڙا وڌائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي جو سموري پاڪستان جا ٽرانسپورٽرز مذمت ڪن ٿا

پيٽروليم شين جون قيمتون وڌڻ تي 10 سيڪڙو گڊز ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌائڻ جو اعلان ڪريون ٿا : ملڪ شهزاد اعوان

مسلسل پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي سان ملڪ ۾ مهانگائي وڌي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس پيٽروليم شين جون قيمتون وڌڻ تي ڀاڙا وڌائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس جي صدر ملڪ شهزاد اعوان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي تي بيان ڏيندي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

پاڪستان مان سعودي عرب حج اڏامن جو سلسلو بنا رڪاوٽ جاري

حج آپريشن کان اڳ 7 ڏينهن دوران مجموعي طور تي 59 اڏامون ذريعي 15 هزار 26 حج پانڌيئڙن کي مدينہ منوره پهچايو ويو

جنهن ۾ وڌيڪ 8 اڏامن ذريعي 2200 پاڪستاني حج پانڌيئڙن کي مدينہ منوره پهچايو ويو

مذهبي معاملن جي 80، حج ميڊيڪل مشن جي 50 ۽ 134 ٻين سول ملازمن کي حاجين جي خدمت لاءِ سعودي عرب پهچايو ويو

مدينہ منوره (بيورو) پاڪستان مان سعودي عرب حج اڏامن جو سلسلو بنا رڪاوٽ جاري آهي ۽ حج آپريشن کان اڳ 7 ڏينهن دوران مجموعي طور تي 59 اڏامون ذريعي 15 هزار 26 حج پانڌيئڙن کي مدينہ منوره پهچايو ويو آهي. مذهبي معاملن واري وزارت جي ترجمان موجب (ڇنڇر) تي بہ حج آپريشن ڀرپور طريقي سان جاري رهيو جنهن ۾ وڌيڪ 8 اڏامن ذريعي 2/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

شفافيت ۽ سٺي حڪمراني لاءِ ايس آءِ سي ۽ ٽي آءِ پاڪستان ۾ ڀائيواري

ٻنهي ڌرين سنڌ شفافيت ۽ معلومات جي حق واري قانون 2016 جي وڌيڪ اثرائتي عملدرآمد جي اهميت تي زور ڏنو

جيئن شهرين کي معلومات تائين رسائي فراهم ڪري سگهجي ۽ ادارتي شفافيت ۽ جوابدهي کي مضبوط بڻائي سگهجي

اجلاس ۾ سنڌ انفارميشن ڪميشن جي ڪمشنرن جناب محمد سليم خان ۽ جناب نور محمد دايو شرڪت ڪئي، جن سان گڏ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذوالفقار شيخ بہ هئا

ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي نمائندگي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جناب ڪاشف علي ڪئي،

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ انفارميشن ڪميشن (ايس آءِ سي)) ۽ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل ((TI پاڪستان سنڌ ۾ شفافيت ۽ کليل حڪمراني کي فروغ ڏيڻ لاءِ تعاون ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي. سنڌ انفارميشن ڪميشن آفيس ۾ منعقد ٿيل ه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڪراچي : سنڌ انفارميشن ڪميشن آفيس ۾ منعقد ٿيل هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جو ڏيک

ڪويت پاران ٻن مهينن جي بندش کان پوءِ پنهنجون فضائي حدون ٻيهر کولڻ جو اعلان

ڪويت سٽي (م ڊ) ڪويت ٻن مهينن جي بندش کان پوءِ ڪويت انٽرنيشنل ايئرپورٽ لاءِ پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

روس، آمريڪي اينٽي سيٽلائيٽ نيوڪليئر دعويٰ کي ڪوڙ تي ٻڌل قرار ڏئي ڇڏيو

ماسڪو (م ڊ) روس جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ماريا زاخاروا، آمريڪا طرفان روس تي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

بئلجيم ۾ پاڪستان جي سفير جي يورپي پارليامينٽ جي ميمبر ۽ سٽي ڪائونسلر سان ملاقات

برسلز (م ڊ) بئلجيم ۾ پاڪستان جي سفير رحيم حيات قريشي، يورپي پارليامينٽ جي ميمبر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ڊي اين اي جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

هيلڪس ڊانچي جي دريافت ۽ 2003ع ۾ هيومن جينوم پراجيڪٽ جي مڪمل ٿيڻ جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي

ڪوڪ ۽ فرينڪلن طرفان ڊي اين اي جي ساخت دريافت ڪرڻ جي اعزاز ۾ ملهايو ويندو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ ڊي اين اي جو عالمي ڏينهن ڇنڇر 25 اپريل تي ملهايو ويو. اهو ڏينهن 1953ع ۾ ڊي اين اي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ لوڪل گورنمنٽ کاتي کي وڌيڪ بااختيار بنائڻ لاءِ جاڳرتا مهم شروع

بهتر لوڪل نظام جي لاءِ هڪ ترميم عوام لاءِ ٿيڻ گهرجي، انتظاميہ جي هيٺين سطح تي منتقلي لاءِ بهتر بلدياتي نظام ضروري آهي :زين شاهہ

مڪاني نظام جي تجويز عوام آڏو رکڻ لاءِ هي سلسلو شروع ڪيو آهي، پاڪستان ۾ جيتري مرڪزيت وڌي رهي ايتروئي ملڪ کي نقصان ٿي رهيو آهي: اسد عمر

اسان بہ صوبائي خودمختياري ۽ لوڪل گورنمنٽ جي اختيارين جي هيٺين سطح منتقلي چاهيون ٿا: سيد زين شاهہ

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ لوڪل گورنمنٽ کاتي کي هيٺين سطح تائين وڌيڪ بااختيار بنائڻ لاءِ آئين ۾ ترميم ڪرائڻ لاءِ جاڳرتا مهم شروع ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان اڳوڻي وفاقي وزير اسد عمر، ايم پي اي حسنين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

عالمي ڇڪتاڻ سبب پيٽروليم جون قيمتون وڌيون: وفاقي وزير

علائقائي تڪرارن جي ڪري عالمي منڊي ۾ تيل جون قيمتون وڌي رهيون آهن

حالتن کي نظر ۾ رکندي ايندڙ هفتي لاءِ ڊيزل ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ 26.77 رپيا واڌ ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (بيورو) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ جو چوڻ آهي تہ علائقائي تڪرارن جي ڪري عالمي منڊي ۾ تيل جون قيمتون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمب16

گڏيل قومن ۾ پاڪستان پاران دهشتگردي خلاف مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل پليٽ فارم تي فوري قدمن جو مطالبو

معلومات جي متاستا، مضبوط ڊجيٽل نظام ۽ اثرائتو عالمي فريم ورڪ اڻٽر آهي

تقريب جنهن جو عنوان دهشتگردي جا نوان ۽ اڀرندڙ رجحان هو

گڏيل قومون (م ڊ) گڏيل قومن ۾ پاڪستان دهشتگردي جي وڌندڙ خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ عالمي سطح تي مربوط حڪمت عملي ۽ گهڻ رخي س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ايران ۾ وڏو آپريشن، موساد جي 4 جاسوسن سميت 200 کان وڌيڪ ماڻهو گرفتار

آپريشن ۾ موساد جي 4 جاسوسن سميت 200 کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار جوابدارن تي بم ٺاهڻ ۽ هٿيارن جي سمگلنگ جو الزام آهي

تهران (م ڊ) ايران جي انٽيليجنس وزارت ڪردستان ۽ ڪرمانشاهہ صوبن ۾ وڏو آپريشن ڪيو آهي. ايران جي انٽيليجنس وزارت موجب آپريش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

برڪس وچ اوڀر معاملن جي نائب پرڏيهي وزيرن/ خاص نمائندن جو مشاورتي اجلاس

برڪس ملڪن کي آزادي ۽ غيرجانبداري کي برقرار رکڻ گهرجي

برڪس ملڪن کي آزادي ۽ غيرجانبداري کي برقرار رکڻ گهرجي

بيجنگ (م ڊ) برڪس وچ اوڀر معاملن جي نائب پرڏيهي وزيرن/ خاص نمائندن جي اجلاس دوران وچ اوڀر معاملن تي چين جي خاص نمائندي زائي جون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

اسلام آباد ۾ عورت ۽ نينگر سميت 4 ڄڻن جا لاش هٿ

قتل ٿي ويلن ۾ 2 مرد، هڪ عورت ۽ هڪ نينگر شامل آهي، چئني ڄڻن کي مٿي ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو

قتل ٿي ويلن ۾ مقتول حبيب الرحمان سيڪيورٽي گارڊ آهي جيڪو پنهنجي فيملي سان گڏ رهائش پذير هو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد جي نون ٿاڻي جي حد مان 4 لاش ملڻ کان پوءِ پوليس جاچ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. پوليس موجب قتل ٿي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

حيدرآباد : اڳوڻي وفاقي وزير اسد عمر، ايم پي اي حسنين مرزا، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهہ، عارف جتوئي، جسم چيئرمين رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس منعقد ڪندي

سموري ملڪ ۾ بجلي جي طلب ۾ اضافو، پن بجلي جي پيداوار 6 هزار ميگاواٽ تائين پهچي وئي

ملڪ ۾ بجلي جي ڊيمانڊ ۾ اضافو ٿيو آهي، تربيلا ڊيم مان پاڻي جي اخراج ۾ رات جي وقت اضافي سان پن بجلي پيداوار ۾ اضافو ٿيو آهي

ڪالهہ رات پيڪ ٽائيم ۾ ٽوٽل پن بجلي جي پيداوار 6000 ميگاواٽ رهي

پن بجلي جي پيداوار ۾ اضافي سان ملڪ جي ڏکڻ کان نيشنل گرڊ ۾ استحڪام جي بدولت وڌيڪ 100 ميگاواٽ سينٽرلائز ڪرڻ ۾ آساني ٿئي

اسلام آباد (بيورو) سموري ملڪ ۾ بجلي جي طلب ۾ اضافو ٿي ويو آهي جڏهن تہ پن بجلي جي پيداوار 6 هزار ميگاواٽ تائين پهچي وئي آهي. پاور ڊويزن طرفان 24 اپريل جي رات پيڪ اوقات ۾ بجلي جي صورتحال حوالي سان جاري ڪيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

مليريا هڪ علاج جوڳو مرض آهي، احتياط ۽ وقت سر سڃاڻپ سان زندگيون بچائي سگهجن ٿيون: مراد علي شاهہ

مليريا جي عالمي ڏهاڙي جو مقصد سنڌ حڪومت عوام کي هن مرض خلاف سجاڳ ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

سنڌ صوبي مان مليريا جو خاتمو آڻينداسين، مليريا فري سنڌ جي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

سنڌ صحت کاتي کي مليريا کان بچاءُ لاءِ مهم تيز ڪرڻ گهرجي، سنڌ جا شهري پنهنجي گهرن ۽ آسپاس صفائي جو خاص خيال رکن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ مليريا جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي. تہ مليريا هڪ علاج جوڳو مرض آهي، احتياط ۽ وقت سر سڃاڻپ سان زندگيون بچائي سگهجن ٿيون. هن چيو تہ مليريا رڳو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

وزيراعظم شهباز شريف پي ايس ايل فائنل ۾ تماشائين کي اسٽيڊيم اچڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان سپر ليگ جي يارهين ايڊيشن جي فائنل ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

سنڌو درياهہ ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 33 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 50 هزار ڪيوسڪ

ڪابل درياهہ ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 38 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 38 هزار 300 ڪيوسڪ آهي

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکرجاري ڪيا آهن. ڇنڇر ڏينهن جار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

نمائندا گهرجن
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي
سڄي سنڌ مان نمائندا گهرجن
نمائندگي جا خواهشمند رابطو ڪن
صحافت سان وابسطہ خواهشمند هيٺ ڏنل واٽس ايپ نمبر تي رابطو ڪن
رابطي لاءِ
0300 3924502/ 03072308754

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

آچر 26 اپريل 2026ع بمطابق 08 ذوالقعد 1447هه

سائين جي ايم سيد جي قومي فڪر جي تقاضا

اڄ سائين جي ايم سيد جي ورسي جو ڏينهن آهي. کيس اسان کان جسماني طور تي وڇڙي 31 ورهيه گذري ويا آهن. پاڻ 25 اپريل 1995ع تي لاڏاڻو ڪري ويا هئا. ايئن هڪ تاريخ ساز قوم پرست اڳواڻ جي حيثيت ۾ جڏهن گذاري ويا، ته اها شخصيت سنڌ جي تاريخ طور امر ٿي وئي يعني سنڌ ۽ سائين جي ايم سيد هڪ ٻئي جي لاءِ لازم و ملزوم بڻجي ويا.

اسان جو خيال آهي ته جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جي بقا جي علامت آهي ته سائين جي ايم سيد وري سنڌي قوم جي تشڪيل جو اهڃاڻ آهي ۽ اهي ٻئي شخصيتون يقينن سنڌ جي تاريخ جي تسلسل ۾ پيدا ٿيون آهن. ۽ ماضيءَ جي ورثي جو نچوڙ آهن. سو جيئن شاهه ڀٽائيءَ کان اڳ به سنڌي ٻولي ۾ شاعري ٿيندي هئي تيئن ئي سنڌ جو سياسي وجود به هزارين سال آڳاٽو آهي. سنڌي ماڻهو برابر هزارين ورهين کان سنڌ ڌرتي تي موجود رهيا آهن پر سندن قومي وجود کي هڪ منظم شڪل ڏيڻ ۾ سائين جي ايم سيد جي ڪردار فيصلائتو ثابت ٿيو آهي. هاڻي سنڌي قوم جي علامت ئي سائين جي ايم سيد بڻجي ويو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ هاڻي به ڪافي غير سياسي ماڻهو پنهنجي ذات يعني برادري کي قوم تصور ڪندا آهن تنهن ڪري سنڌ جي قومي وجود کي پختو ڪرڻ واري سائين جي ايم سيد جي سياسي ۽ فڪري جدوجهد کي هاڻي به سنڀالي هلڻ جي ضرورت آهي. پر ان کان به وڌيڪ بحيثيت سنڌي قوم ٻڌيءَ جي ضرورت آهي.

اهڙو احساس پاڻ کي سائين جي ايم سيد جي لاڏاڻي کان پوءِ واري عرصي ۾ وڌيڪ شدت سان محسوس ٿيندو رهيو آهي. شايد ان ڪري به جو سنڌ ۾ هاڻي نه سائين جي ايم سيد پاڻ سان گڏ آهي نه ئي سندس وڏي عمر جهڙو بزرگ سياسي ليڊر رهيو آهي جنهن جي بزرگي ۽ تاريخي جدوجهد جو ڪو لحاظ ڪري سگهجي. ڇا ايئن سمجهجي ته هاڻي سنڌي قوم جو ڪو وڏو ناهي رهيو پر اها خوش قسمتي ضرور آهي ته سائين جي ايم سيد جو سياسي ۽ تاريخي فڪر اڄ به پاڻ سان گڏ آهي جنهن ۾ سنڌ جو قومي وجود موجود آهي ۽ اها به پنهنجي خوش قسمتي آهي ته ان قومي فڪر کي سنڀالڻ لاءِ سنڌ ۾ قوم پرست جماعتون، انهن جماعتن جا اڳواڻ، ڪارڪن ۽ سنڌي قوم پاڻ موجود آهي پر پوءِ به خالي موجود هجڻ ڪافي ناهي. سنڌ جي قومي وجود ۽ فڪر جي تقاضا کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

جيڪڏهن تاريخي ماديت جي اصول تحت سنڌي قوم جي وجود واري سفر کي ڏسجي ته ڌارين جي لاڳيتن حملن، حڪومتن تي قبضن ۽ سنڌ جي قومي وجود کي ميسارڻ جي تمام تر ڪوششن باوجود سنڌي قوم جو وجود قائم آهي جيڪا غير معمولي ڪاميابي آهي. انهيءَ ڪاميابي جو سبب يقينن اهو ئي آهي ته هر دور جي ڌارين جي حملن سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ڌرتي ۽ وطن سان جذباتي طور سلهاڙي ڇڏيو آهي جنهن ۾ سائين جي ايم سيد جي قومي تشخص واري جدوجهد جو اهم حصو آهي.

اها سائين جي ايم سيد جي منظم ۽ تسلسل سان هلايل قومي جدوجهد ئي آهي جيڪا هر دور جي نئين نسل ڏانهن منتقل ٿي آهي، نه صرف اها منتقل ٿي آهي پر اڄ انتهائي مضبوط به ٿي آهي جنهن جو مثال اهو آهي ته سنڌي قوم جو تشخص ان نئين نسل ۾ به وڌيو آهي جيڪو سڌو سنئون ڪنهن قوم پرست جماعت ۾ به ناهي. ٻيو ته ڇڏيو ملڪ جي اقتداري وفاقي جماعتن جا اڳواڻ به هاڻي اهو ئي نعرو هڻڻ تي مجبور آهن ته "مرويسون مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون". هاڻي ته ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ پ پ جي قيادت کي به 'سنڌي قومپرستي' جو طعنو ڏيندا آهن. ائين به ناهي ته قوم پرستي صرف سنڌ ۾ وڌي ۽ مضبوط ٿي آهي پر اها ٻين صوبن ۾ به وڌي آهي. اها به حقيقت آهي ته هي ملڪ گهڻ قومي ملڪ آهي جنهن ۾ تمام گهڻيون قومون ۽ مختلف مادري ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جيڪي پنهنجي موجود هئڻ جو مختلف وقتن ۾ اظهار به ڪنديون رهيون آهن. پنهنجي ملڪ اندر سنڌي ميڊيا بابت به اهو عام تاثر رهيو آهي ته سنڌي ميڊيا پنهنجي ڌرتي ۽ عوام سان جهڙي جذباتي نموني ڪميٽيڊ آهي ايڏي ٻين ٻولين جي ميڊيا ناهي. سنڌي ميڊيا اندر پنهنجي ڌرتي ۽ وطن سان اها جذباتي وابستگي به قومي فڪر سان سلهاڙيل يا متاثر ٿيل سنڌي اديبن صحافي بڻجي آندي.

هتي اسان اهو به واضح ڪريون ته قومي وجود جي ڳالهه ڪرڻ ڪنهن ريت به تنگ نظري ناهي. قومي فڪر جي معنيٰ اها آهي ته دنيا جي سيني قومن جي وجود ۽ ٻولين کي قبولجي ٿو. جيستائين سائين جي ايم سيد جي قومي فڪر جي تقاضا جو سوال آهي ته ان معاملي ۾ اها ڪمي شدت سان محسوس ٿيڻ لڳي آهي ته سنڌي قوم ۾ هاڻي به اها مثالي ٻڌي ناهي جيڪا هئڻ گهرجي. خاص طور تي برادرين جي خوني تڪرارن مجموعي طور تي ان قومي ٻڌيءَ کي شديد نقصان ڏنو آهي. برادرين جي خوني تڪرارن جيڪڏهن مجموعي طور ڏسجي ته اهي قومي تڪرار ئي آهن، جن قومي وجود جو قتل عام ڪيو آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ خاص طور تي قومي قيادت کي اڳتي اچي پنهنجي قوم کي برادري جي خوني جهيڙن ۾ قتل عام ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي سو گهٽ ٿئي نظر اچي ٿو تنهن ڪري ۽ قومي ٻڌيءَ جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ عملي طور سگهاريون ڪوششون وٺڻ گهرجن.

ڪامريڊ سائينداد چاچڙ جو وڇوڙو ۽ مستقبل جون اميدون

اياز لطيف دايو

اها 1990 ۾ جنوري جي خوبصورت ٿڌڙي موسم واري ڪچڙي منجهند هئي، هو اسان جي گهوٽڪي ۾ قائم صحافتي هائيڊ پارڪ منوج بڪ اسٽور تي آيو ۽ اسان اسٽور جي ٻاهران اسٽيشن روڊ جي پرسان ڪچهري ڪري رهيا هئاسون. انهيءَ وقت مان عوامي آواز جو گهوٽڪي ضلعي ۾ ڊسٽرڪٽ رپورٽر ٿيو هيم، صحافتي جنون مون کي ويهڻ نه ڏيندو هو، روايتي صحافت کان هٽي ڪنهن وقت سياسي، سماجي ۽ عوامي ماڻهن جا انٽرويو ڪندو رهندو هوس يا مختلف مسئلن تي سروي ڪري ماڻهن کي اخبار جي پڙهڻ جي عادت وجهڻ ۾ ڪوشش ڪندو رهندو هيم، اهڙي طرح مون اڄ هن شخص جو لاشعوري طور انٽرويو ڪري رهيو هيم ته جيئن هن سان ڪچهري ڪري سندس انٽرويو اخبار ۾ شايع ڪيان، هي شخص جنهن جو نالو سائينداد چاچڙ هيو، جنهن جي پراثر ۽ انقلابي ڪچهرين سبب مون 1981 ۾ وطن دوست يار تنظيم ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي، جنهن مون کي سسي نيزي پاند جهڙو انقلابي ناول ۽ ڳاڙهو لالٽين جهڙو شاندار چيني ڊرامو پڙهايو هو، انهن ڪتابن جي ڪردارن جا نالا اڄ اڌ صدي گذرڻ جي باوجود منهنجي ذهن ۾ نقش ٿيل آهن، اهڙي شخص کي مان صرف وڏي ڀاءُ جيتري عزت نه ڏيندو هيم، پر سموري قافلي وانگر مان به کيس ڪامريڊ سڏڻ ۾ هڪڙو عجيب سرور محسوس ڪندو هيم

هاڻي هو ستر ورهين جي زندگيءَ مان اسان سيني کان موڪلائي ابدي سفر تي روانو ٿيو آهي ته منهنجي ذهن ۾ منوج بڪ اسٽور جي ٻاهران شاندار ڪچهري آرٽ مووي وانگر هلي رهي آهي، انهيءَ وقت تازو گرو رجنيش به چار ڏينهن اڳ ۾ ئي 58 ورهين جي عمر ۾ ڀارت ۾ ابدي ننڊ جي حوالي ٿي چڪو هو، اهو شخص جنهن کي سموري دنيا اوشو جي نالي سان سڃاڻيندي هئي، انهيءَ جي موت تي آمريڪي رياست اوريگون کان وٺي پونا تائين سندس لکين چيلن ۾ ڏک جي لهر ڇانيل هئي، مون ڪامريڊ سائينداد چاچڙ کان اوشو جي موت متعلق معلوم ڪيو هو، هن چيو هو ته ڪڏهن ڪڏهن نه چاهڻ جي باوجود سموري دنيا جي ڏک ۾ شامل ٿيڻو پوندو آهي، مون کي ڪامريڊ جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي هئي ته هن پاڻ ئي مون کي ٻڌايو هو ته اوشو پنهنجي علم، فڪر، فهم ۽ روحانيت جي ڪري عالمي مڃتا ماڻي هئي، سندس ائين اوچتي وڇوڙي جي ڪري مان سموري دنيا جي ڏک کان ڌار ٿي نٿو سگهان، پر اوشو اسان جي نوجوانن جي وڏي انگ کي انهن وهمن ،وسوسن،جنسي فرسٽريشن ۾ ڦاسائي ترقي پسند ،سائنسي، سماجي، قومي ۽ طبقاتي جدوجهد کي وڏو نقصان ڏنو هو، هن انهن سامراجي ملڪن جي پيسي جي بنياد تي آمريڪي رياست اوريگون ۾ 64 هزار ايڪڙن تي مشتمل خيالي شهر رجنيش پرم جي نالي سان قائم ڪيو هو جنهن شهر ۾ ڇڙواڳي ۽ بي راهه روي جي ڪري وڏي افراتفري ڦهلجي وئي، غير اخلاقي ۽ آمريڪي رياست جي پيچڪڙين جي ڪري اوشو کي سزا ڏيئي بعد ۾ نيڪالي ڏني وئي، ڪامريڊ سائينداد چاچڙ انهي وقت ٻڌايو هو ته ستر واري ڏهاڪي ۾ ڀارت ۾ ڪميونزم، سوشلزم ۽ سرخ انقلاب جي زور کي گهٽائڻ لاءِ رياست اهڙا ڪردار تيار ڪري ڪين هر قسم جي سهولت ڏيندي آهي، اها ڪچهري منهنجي انهي دور جي ڊائري ۾ اڄ به موجود آهي،ڪامريڊ سائينداد جي اهڙي ڪچهري اڄ جي دور جي اهم ضرورت آهي.

اجوڪي دور ۾ سوشل ميڊيا اسان جي سرخ انقلاب جي بدران انهن ڪردارن جي پروجيڪشن ڪري رهي آهي، جيڪي هن سماج جي سيني بڇڙاين ۽ براين جون جڙون آهن،سوشل ميڊيا تي اسان جي نوجوانن کي رنگ برنگي گليمر ۾ قيد ڪيو ويو آهي، جدوجهد جو پرچم اسان جي هٿن مان کسي موبائيل، ٽيبلٽ ۽ ليپ ٽاپ پڪڙايا ويا آهن ته جيئن اسان رڳو سٽيپي نوڪرين کي حاصل ڪري ڪروڙن جون گاڏيون، بنگلا ۽ وڏن گهراڻن مان ڇوڪريون وٺي شادي ڪيون ۽ انفرادي زندگيءَ جي انهي گليمر اسان جي نوجوان جي انقلابي سوچ کي زنگ لڳائي ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته ميدان تي ڪا منظم انقلابي پارٽي ۽ فڪري فورم سنجيدگي سان موجود ناهي.

ڪامريڊ سائينداد چاچڙ ستر واري ڏهاڪي کان وٺي نوي واري ڏهاڪي تائين جيڪا عملي انقلابي جاکوڙ ۽ جدوجهد ڪئي، انهي جو اظهار سندس ڪامريڊ دوستن وٽ موجود هو، هو بنيادي طور تي واپڊا جي گرڊ سيڪشن جو ملازم رهيو، انهيءَ ناتي سان پورهيتن جي انقلابي جدوجهد ۾ هن ڀرپور ڪم ڪيو، ڊاڪٽر ارباب کهاوڙ جهڙي انقلابي ڪردار جي ڪري اها پارٽي پنهنجي جوهر ۾ سنڌ جي حقيقي انقلابي نوجوانن کي آدرشي واٽ ڏيکاريندڙ پارٽي هئي، جنهن ۾ انهي وقت ڪامريڊ گلشير شر، جابر شر، حبيب منگي، ڪامريڊ عزيز عباسي، مظفر ڪلهوڙو، پنهل ساريو، جمن ساريو، زاهد مخدوم، اظهار مخدوم منان بروهي،هدايت سومرو ۽ ڪامريڊ سائينداد چاچڙ هزارين ڪارڪن شامل هئا، پر بعد ۾ روسي انقلاب جي ناڪامي کي ڪجهه انقلابي پارٽين انقلابي نظريي جي ناڪامي سمجهندي پارٽين کي پورا پورا ڪري نوجوانن جي خوابن کي پڻ نا اميدين جي آڪاس تي پهچائي ڇڏيو، جيڪڏهن اها انقلابي جدوجهد سنڌ جي اندر پنهنجي ساڳئي جوهر سان موجود هجي ها ته اڄ بنياد پرستي، رجعتي سوچ ۽ تنگ نظري اهڙي طرح ڇنبا کوڙي نه سگهي ها. ڪامريڊ سائينداد چاچڙ جهڙا ڪردار پڻ مايوسي جي پاتال ۾ نه هليا وڃن ها پر 2016 ۾ ڪامريڊ سائينداد چاچڙ پنهنجي رٽائرمينٽ بعد گهوٽڪي جي سول سوسائٽي سان هر جدوجهد ۾ عملي طرح گڏ رهيو، هن جون تقريرون ۽ چاچا خليل اي پاڪستاني جون تقريرون گهوٽڪي جي سياسي تاريخ جو حصو رهنديون،ستر ۽ اسي واري ڏهاڪي ۾ سندس روهڙي گرڊ وارو سرڪاري ڪوارٽر انقلابي ڪارڪنن جو مرڪز هوندو هيو، ڪامريڊ گلشير شر جو گهر به انقلابي نوجوانن جي نرسري طور مشهور هوندو هو لوڪو شيڊ روهڙي ۾ زاهد مخدوم ۽ اظهار مخدوم جو ڪوارٽر انقلابي مشعل جهڙي روشني ڏيندو هو، انهيءَ ڪوارٽر ۾ مون ڏٺو ته گهر جي صفائي ڪندڙ سئيپر کي ڪيئن انقلابي جنگ ۾ شامل ڪبو هو مون کي ياد آهي ته ڪامريڊ زاهد مخدوم سئيپر کي پنهنجي استعمال جو صابڻ ڏيئي چوندو هو ته پنهنجو ڪم ڪار لاهي هٿ منهن ڌوئي صفائي سٿرائي سان اچي اسان سان گڏ ماني کائڻ ۾ شامل ٿي، اهو شاندار عمل هو، جيڪو انهي طبقي کي سبق ڏيندو هو ته اسان کي نفرت ڪرڻي آهي صرف هڪڙي طبقي کان جيڪو اسان جو استحصالي طبقو آهي ،اسان سيني پورهيت طبقي جي ماڻهن کي پنهنجي صفن مان نفرت ختم ڪرڻي پوندي.

مون کي فخر آهي ته شعوري سوچ جا ابتدائي ڪرٽا ڪامريڊ سائينداد چاچڙ سميت انهن سيني ڪامريڊ ساٿين کان مليا جن جو مون ذڪر ڪيو آهي ۽ بعد ۾ انهي قافلي واري فڪري ۽ انقلابي تسلسل واري ڪامريڊ جام ساقي واري پارٽي ۾ شامل ٿيو هيم ته ساڳي نظرياتي لائين سان عوام جو جيئڻ جنجال بڻائيندڙ طبقي خلاف ايستائين جدوجهد ۾ شامل رهيو هيم جيستائين انقلابي پارٽين پنهنجي ڪيڊر کي مايوس نه ڪيو هو. مون صحافت، سياست، سماجي ڪيتر ۽ ادبي ڪيتر ۾ پنهنجي حصي جو ڪم انهن انقلابي ڪردارن جي تربيت سبب ڪري سگهيو هيم، پر افسوس ته اهڙا انقلابي ڪردار ڪامريڊ سائينداد چاچڙ جي روپ ۾ يا اسان کان وڇڙي ويا آهن يا وري ذاتي زندگيءَ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ موجود آهن،پر اها حقيقت آهي ته سائينداد چاچڙ جهڙا ڪردار هر دور ۾ جنم وٺندا رهندا، هن وقت به انقلابي هلچل موجود آهي، ڇاڪاڻ ته استحصالي طبقو موجود آهي، اها هلچل ڀلي ڪمي وانگر رڙهي رهي آهي پر اهڙو وقت ضرور ايندو جڏهن اها هلچل تيز ٿيندي، انهيءَ هلچل جو وجود سماج جي هر انهيءَ فرد ۾ موجود آهي جيڪو هن ڦورو طبقي ۽ استحصالي سماج جون اذيتون حاصل ڪري رهيو آهي، دنيا ۾ انقلاب ايندا رهيا آهن، ايندا رهندا، انهيءَ وقت ڦورو طبقي جي پيرن هيٺيان ڌرتي نڪري ويندي ۽ سوچيندا ته هي ڇا ٿي ويو پر فرانز فينن جا لفظ انهن کي ياد ناهن هوندا ته جڏهن ماڪوڙيون متحد ٿينديون آهن ته ببر شينهن جي کل لاهي وجهنديون آهن. اهو ڪامريڊ سائينداد چاچڙ جهڙن ماڻهن جو ئي خواب آهي ۽ انهيءَ خواب جا متلاشي اڄ ڪامريڊ گلشير شر جي روپ ۾ موجود آهن، جيڪو ڪامريڊ سائينداد جي وڇوڙي تي سندس ڳوٺ پهچي سموري رات سوڳ ۾ شامل رهيو، اهو رشتو ۽ ناتو طبقاتي سوچ کي هٿي ڏيئي رهيو آهي ته ڪامريڊ سائينداد چاچڙ جو خواب هڪ ڏينهن ضرور ساپيان ۾ آڻيندو.

ڇا آمريڪا هار ايل جنگ ڳالهين ۾ کٽڻ چاهي ٿو؟

شهزاد حسين ڀٽي

فيبروري 2026ع ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل ايران تي وڏي پيماني تي گڏيل هوائي حملا ڪيا پهرين 12 ڪلاڪن اندر هنن ايران جي 900 کان وڌيڪ اهم هنڌن کي نشانو بڻايو انهن حملن ۾ فوجي ۽ جوهري تنصيبات سميت اهم ڍانچي کي تباهه ڪيو ويو. جڏهن ته ايران جي سپريم ليڊر علي خامنه اي سميت مرڪزي قيادت کي به ماريو ويو ايران به خطي ۾ موجود آمريڪي تنصيبات، اسرائيل ۽ آمريڪا جي اتحادي ملڪن تي ميزائل ۽ ڊرون حملا شروع ڪيا ۽ آبنائي هرمز کي سامونڊي آمدرفت لاءِ بند ڪري ڇڏيو ان کان پوءِ اهڙو بحران پيدا ٿيو جنهن ايندڙ چاليهه ڏينهن تائين خطي ۾ تباهي مچائڻ سان گڏ سڄي دنيا ۾ تيل ۽ گيس جي کوٽ پيدا ڪئي ۽ عالمي معيشت لاءِ خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي آمريڪا ۽ اسرائيل بنيادي طور هن جنگ جا ٽي هدف مقرر ڪيا هئا پهريون اسلامي رجيم جي تبديلي، ٻيو جوهري تنصيبات جو خاتمو ۽ ٽيون ميزائل پروگرام کي محدود ڪرڻ

1979ماضي ۾ آمريڪي صدرن ايران خلاف طاقت جي استعمال کان پاسو ڪيو، پر جڏهن ٽرمپ پهريون ڀيرو اقتدار ۾ آيو ته هن سخت موقف اختيار ڪندي 2015ع وارو جوهري معاهدو ختم ڪري ڇڏيو، جيتوڻيڪ ايران ان معاهدي تحت عالمي ايٽمي توانائي ايجنسي جي نگراني کي به قبول ڪيو هو آخرڪار هن ڀيري اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو صدر ٽرمپ کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ ڪيترن مهينن جي خفيه رٿابندي کان پوءِ ايران تي حملو ڪيو ويو، جنهن جي پهرين ئي ڏينهن علي خامنه اي سميت پنجاهه کان وڌيڪ اهم شخصيتون مارجي ويون

سوال اهو آهي ته ڇا اهو مقصد حاصل ٿيو جنهن لاءِ هي سڀ ڪجهه ڪيو ويو؟ جواب آهي نه اڃا تائين ايران ۾ رجيم تبديل نه ٿي آهي آمريڪا، اسرائيل ۽ انهن جي اتحادي ملڪن کان صحيح اندازو لڳائڻ ۾ غلطي ٿي وئي انهن سمجهيو ته ايراني عوام حڪومت خلاف بغاوت ڪندو، پر ائين نه ٿيو ايران اڳواٽ تياري ڪري رکيو هو ۽ اهڙو دفاعي نظام قائم ڪيو جنهن چاليهه ڏينهن تائين ملڪ جو ڀرپور دفاع ڪيو ۽ مخالف ڌر کي ڪا وڏي حڪمت عملي ڪاميابي حاصل نه ڪرڻ ڏني آمريڪي صدر ۽ اسرائيلي وزيراعظم دعويٰ ڪن ٿا ته هنن ايران جي جوهري مرڪزن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، پر جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ ڳالهين ۾ ايران کان جوهري پروگرام ختم ڪرڻ، هٿيار حاصل نه ڪرڻ جي ضمانت ڏيڻ ۽ افزود يورينيم حوالي ڪرڻ جا مطالبا ڇو ڪيا پيا وڃن؟

حقيقت اها آهي ته ايران وٽ علم، ٽيڪنالاجي ۽ سائنسدان موجود آهن، جيڪي هن پروگرام کي جاري رکڻ جي صلاحيت رکن ٿا، جيتوڻيڪ ماضي ۾ ڪيترن سائنسدانن کي قتل به ڪيو ويو آهي ايران جو موقف آهي ته ان جو جوهري پروگرام اين پي ٽي معاهدي مطابق جائز آهي ۽ اهو پنهنجو سول جوهري پروگرام جاري رکڻ جو حق رکي ٿو

جنگ جي شروعات ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل جو پلڙو ڳرو لڳو ۽ ايران کي وڏو نقصان ٿيو، پر پوءِ ايران به خطي ۾ آمريڪي تنصيبات ۽ اسرائيل تي ميزائل ۽ ڊرون حملا ڪيا اسرائيل جو دفاعي نظام ڪيترن حملن کي روڪي سگهيو، پر شدت ۽ تسلسل سبب نقصان ٿيو ۽ ڪو به علائقو مڪمل طور محفوظ نه رهيو ايران ڪيترائي ڀيرا ميزائل ۽ ڊرون حملا ڪيا ۽ جنگبندي تائين اهي جاري رهيا سي آءِ اي جي رپورٽ موجب ايران جي صرف هڪ ٽين ميزائل طاقت کي ئي نقصان پهتو اندازن موجب ايران وٽ هزارين ميزائل ۽ جديد ڊرون موجود آهن، خاص طور خودڪش ڊرون، جيڪي هن جنگ ۾ اهم ثابت ٿيا ان ڪري اهو چوڻ ته ايران جو ميزائل پروگرام مڪمل طور تباهه يا محدود ٿي ويو آهي، درست ناهي ايران ڪيترن سالن کان انهن حالتن لاءِ تياري ڪري رهيو هو

آمريڪا ۽ اسرائيل طاقت جو مڪمل استعمال ڪرڻ باوجود پنهنجا هدف حاصل نه ڪري سگهيا نه رجيم تبديل ٿي، نه نظام مفلوج ٿيو ۽ نه ئي عوام بغاوت ڪئي البت سول ڍانچي کي سخت نقصان پهتو، عام شهري مارجي ويا ۽ ملڪ کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو، پر ايران پنهنجي موقف تي قائم رهيو آخرڪار چاليهه ڏينهن جي شديد ويڙهه کان پوءِ سڀ ڌريون عارضي جنگبندي تي راضي ٿي ويون ۽ ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو تجزئي نگارن موجب آمريڪا جنگ ۾ خاطرخواهه ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيو، تنهن ڪري هاڻي هو ڪوشش ڪري رهيو آهي ته ڳالهين جي ميز تي ڪاميابي حاصل ڪري ان مقصد لاءِ هو دٻاءُ ۽ سخت بيان بازي استعمال ڪري رهيو آهي ته جيئن اهو تاثر ڏنو وڃي ته هو پنهنجي شرطن مڃرائڻ جي پوزيشن ۾ آهي

ٻئي طرف ايران به پنهنجي موقف تي قائم آهي ۽ سخت شرطن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي اسلام آباد ۾ ٿيل ڳالهين جو پهريون دور به نتيجا ڏيڻ کان سواءِ ختم ٿيو آمريڪا دٻاءُ وڌائڻ لاءِ ايران جي سامونڊي ناڪابندي به ڪئي، جڏهن ته ايران واضح ڪيو آهي ته ناڪابندي ختم ٿيڻ کان سواءِ هو ڳالهين ۾ شامل نه ٿيندو حاصل ڪلام اهو آهي ته ممڪن آهي ايران عارضي طور ڪجهه رعايتون ڏئي، پر ڊگهي عرصي تائين پنهنجو جوهري پروگرام بند ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿو اچي آمريڪا چاهي ٿو ته جنگ ۾ حاصل نه ٿيل هدف ڳالهين ذريعي حاصل ڪيا وڃن، جڏهن ته ايران جنگ ۾ حاصل ڪيل برتري کي وڃائڻ نٿو چاهي جيڪڏهن آمريڪا واقعي هن تڪرار مان نڪرڻ چاهي ٿو ته کيس ايران خلاف سامونڊي ناڪابندي ختم ڪرڻي پوندي، جڏهن ته ايران کي به ڳالهين جا دروازا کليل رکڻا پوندا ته جيئن هن تڪرار جو مستقل ۽ پائيدار حل ڳولي سگهجي

بقايا * 01**

رمي اسٽاف، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير به وزيراعظم سان گڏ ملاقات ۾ شريڪ هو ملاقات ۾ خطي جي صورتحال تي ڳالهيون ٿيون. ايراني سفارتخاني موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ۽ ايران جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر سيد عباس عراقچي جي اسلام آباد ۾ ٻين آفيشلز سان گڏ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۾ خطي جي گڏيل صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.ايران ۽ پاڪستان جي وچ ۾ علائقائي سيڪيورٽي ۽ ٻطرفي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، ملاقات ۾ پاڪستان جو گهرو وزير محسن نقوي ۽ قومي سلامتي جو صلاحڪار جنرل عاصم ملڪ به شريڪ هو ايراني وفد ۾ نائب پرڏيهي وزير غريب آبادي، سفير رضا اميري مقدم ۽ پرڏيهي وزارت جو ترجمان بقائي به شامل هو ايران ۽ پاڪستان خطي ۾ امن، استحڪام کي هٿي ڏيڻ تي زور ڏنو ڏنو پاڪ ايران لاڳاپا ۽ سيڪيورٽي تعاون وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا * 02**

ڪ اهم ڪردار طور ابري سامهون آيو آهي ۽ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جاري بحران ۾ هڪ مرڪزي ثالث جي حيثيت اختيار ڪندي نظر اچي رهيو آهي. آمريڪي رسالي دي نيشن انٽرسٽ ۾ شايع ٿيل هڪ تازي مضمون موجب، پاڪستان جي فوجي قيادت مشڪل ۽ حساس سفارتي صورتحال کي ڪاميابي سان سنڀالي رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان علائقائي سياست جي نقشي مان نڪري هڪ سرگرم ۽ مرڪزي ڪردار طور سامهون آيو آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته اپريل جي وچ ۾ پاڪستان اسلام آباد ۾ اعليٰ سطحي ڳالهين جي ميزباني ڪئي، جنهن ۾ آمريڪي ۽ ايراني وفدن جي سينئر ميمبرن شرڪت ڪئي. ان کي 1979ع کان پوءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پهرين سڌي اعليٰ سطحي ملاقات قرار ڏنو پيو وڃي. هي سفارتي اڳڀرائي آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي نگراني ۾ ممڪن ٿي، جنهن خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ مختلف سفارتي رابطن کي فعال ڪيو.

بقايا * 03**

جي باوجود اسرائيلي حملا جاري آهن جتي گذريل ڏينهن به ڏکڻ لبنان ۾ اسرائيلي حملا ڪيا جنهن جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا شهيد 2 زخمي ٿي پيا.صحت جي عالمي اداري موجب جنگين سبب ايران ۽ لبنان ۾ 3 ڪروڙ 20 لک ماڻهو بي گهر ٿيا آهن ڪيترائي صحت مرڪز تباهه يا بند ٿيل آهن. صحت واري عالمي اداري جو چوڻ آهي ته لبنان ۾ بيماريون وڌي رهيون آهن دوائون گهٽ آهن. بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ صحت جي عالمي اداري کي فوري طور تي 3 ڪروڙ 30 لک ڊالرن جي ضرورت آهي.

بقايا * 04**

چيو آهي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي جو سموري پاڪستان جا ٽرانسپورٽرز مذمت ڪن ٿا.ملڪ شهزاد اعوان چيو ته پيٽروليم شين جون قيمتون وڌڻ تي 10 سيڪڙو گڊز ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌائڻ جو اعلان ڪريون ٿا. هن چيو ته مسلسل پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافي سان ملڪ ۾ مهانگائي وڌي رهي آهي. وفاقي حڪومت جي غلط پاليسين سبب لکين ماڻهو بيروزگار ٿي رهيا آهن.صدر پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس ملڪ شهزاد اعوان موٽر وي پوليس، ٽريفڪ پوليس سميت سمورا چالان ختم ڪرڻ جو به مطالبو ڪيو آهي.ياد رهي ته حڪومت طرفان پيٽرول 26 روپيه 77 پئسا في ليٽر مهانگو ڪيو ويو جڏهن ته ڊيزل جي قيمت ۾ به 26 روپيه 77 پئسا في ليٽر اضافو ڪيو ويو آهي. پيٽروليم ڊويزن طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب پيٽرول جي نئين قيمت 393 روپيه 35 پئسا في ليٽر جڏهن ته ڊيزل جي نئين قيمت 380 روپيه 19 پئسا في ليٽر مقرر ڪئي وئي آهي.

بقايا * 05**

200 پاڪستاني حج پانڌيئڙن کي مدينه منوره پهچايو ويو ترجمان جو چوڻ هو ته حج پانڌيئڙن جي خدمت ۽ رهنمائي لاءِ هن وقت تائين مذهبي معاملن جي 80، حج ميڊيڪل مشن جي 50 ۽ 134 ٻين سول ملازمن کي حاجين جي خدمت لاءِ سعودي عرب پهچايو ويو جيڪي پنهنجا فرض انجام ڏئي رهيا آهن جيڪي مدينه منوره ۾ حج پانڌيئڙن کي بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ مين ڪنٽرول آفيس، ايئرپورٽ آجياڻي، خوراڪ، رهائش، ٽرانسپورٽ ۽ ڪال سينٽر سميت سمورن شعبن ۾ 24 ڪلاڪ مصروف آهن. ترجمان ٻڌايو ته هن وقت تائين 4 هزار 611 پاڪستاني حج پانڌيئڙن کي رياض الجنه جي زيارت جو عمل مڪمل ڪرايو ويو آهي. هن وقت تائين رستو ڀلجي ويل هڪ حاجي، 14 ويل چيئرز ۽ 673 گم ٿيل بيگن جي تلاش ڪري حج پانڌيئڙن تائين پهچايو ويو آهي. صحت ۽ سلامتي جي حوالي سان پاڪستاني حج ميڊيڪل مشن فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي، جنهن تحت هن وقت تائين 288 ماڻهن کي او پي ڊي، 5 کي ڊينٽل ۽ 4 کي اي سي جي جي طبي سهولت فراهم ڪئي وئي آهي.

بقايا * 06**

اعليٰ سطحي اجلاس دوران، ٻنهي ڌرين سنڌ شفافيت ۽ معلومات جي حق واري قانون 2016 جي وڌيڪ اثرائتي عملدرآمد جي اهميت تي زور ڏنو ته جيئن شهرين کي معلومات تائين رسائي فراهم ڪري سگهجي ۽ ادارتي شفافيت ۽ جوابدهي کي مضبوط بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ عوامي شعور وڌائڻ، سرڪاري ادارن جي صلاحيت وڌائڻ ۽ معلومات جي بروقت ۽ اڳواٽ فراهمي لاءِ نظام کي بهتر بڻائڻ جي معاملن تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو. اجلاس ۾ سنڌ انفارميشن ڪميشن جي ڪمشنر جناب محمد سليم خان ۽ جناب نور محمد دايو شرڪت ڪئي، جن سان گڏ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذوالفقار شيخ به هئا. ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي نمائندگي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جناب ڪاشف علي ڪئي، جن سان گڏ پروجيڪٽ مئنيجر محترمه نسرين ۽ محترمه فريحا به هيون. ٻنهي پاسن جي نمائندن زور ڏنو ته شفاف گورننس عوامي اعتماد بحال ڪرڻ ۽ سروس پهچائڻ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري آهي. انهن اڳواٽ معلومات جي فراهمي جي ميڪانيزم کي فروغ ڏيڻ، سرڪاري عملدارن لاءِ تربيتي قدمن جي حمايت ڪرڻ ۽ شهرين کي معلومات تائين رسائي جي حق جي استعمال کي آسان بڻائڻ جي پنهنجي عزم جو ورجايو. ملاقات جي آخر ۾، باهمي تعاون لاءِ هڪ فريم ورڪ تيار ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو، جنهن ۾ آگاهي مهم، ٽيڪنيڪل مدد ۽ پاليسي ايڊووڪيسي شامل هوندي ته جيئن سنڌ جي سرڪاري ادارن ۾ شفافيت ۽ سالميت جي ثقافت کي فروغ ڏئي سگهجي. ٻنهي ڌرين ان ڳالهه تي به اتفاق ڪيو ته شفافيت ۽ سٺي حڪمراني کي فروغ ڏيڻ لاءِ آر ٽي آءِ قانون کي بهتر بڻائڻ لاءِ باقاعدي صلاح مشورا جاري رهندا. هي پائيدار جمهوري قدرن کي مضبوط ڪرڻ ۽ سرڪاري ادارن کي عوام جي آڏو جوابده ۽ انهن جي ضرورتن جي جوابده بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي

بقايا * 07**

نهنجون فضائي حدون ٻيهر کولڻ جو اعلان ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ڪويت جي ايوي ايشن اٿارٽي جي سربراهه شيخ حمود مبارڪ الحمود الصباح چيو آهي ته فضائي حدن جي ٻيهر کولڻ ايندڙ ڏينهن ۾ هوائي اڏن تي مڪمل آپريشن جي تياري ۽ هوائي ٽريفڪ کي آهستي آهستي شروع ڪرڻ واري مرحليوار منصوبي جو حصو آهي. هن چيو ته ايران جي حملن سبب ايئرپورٽ تي ڪجهه ڍڪائن کي نقصان پهتو هو. ان باري ۾ جائزو مڪمل ڪيو ويو آهي ۽ فني ٽيمون اوزارن ۽ بنيادي ڍانچي جي سار سنڀال ۾ هن وقت جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. شيخ حمود مبارڪ الحمود الصباح چيو ته شروعاتي مرحلي ۾ ڪجهه مخصوص اسٽيشنز شامل هونديون جن کي ايئرپورٽ جي سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ترجيح ڏني وئي هئي ان سلسلي جي ٻي وڌيڪ اڳتي وڌايو ويندو. هوائي اڏن کي ٻيهر کولڻ تي ڪويت ايئرويز آچر 26 اپريل کان 17 هنڌن لاءِ سروس شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي جن ۾ لنڊن، استنبول، لاهور، ڍاڪا، ممبئي، دهلي، منيلا، قاهره، رياض، جده، ڪولمبو، گوانگزو، بيروت ۽ دمشق شامل آهن.

بقايا * 08**

اينٽي سيٽلائيٽ نيوڪليئر هٿيار تيار ڪرڻ جي الزامن کي سختي سان رد ڪندي ان کي ڪوڙ ۽ پروپيگنڊا مهم قرار ڏنو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق هن چيو ته آمريڪا جي ان دعويٰ سان حقيقت سان ڪو به تعلق ناهي ۽ اصل ۾ هڪ وسيع پروپيگنڊا حڪمت عملي جو حصو آهن، جنهن جو مقصد روس جي خلائي سرگرمين کي بدنام ڪرڻ آهي. ان جي مطابق آمريڪا انهن الزامن کي پنهنجي ان ايجنڊا جي جواز طور استعمال ڪري رهيو آهي جنهن تحت هو خلا ۾ عسڪري سرگرمين کي وڌائي رهيو آهي. ترجمان چيو ته روس مسلسل ان موقف جي حمايت ڪري ٿو ته پرڏيهي خلا ۾ هٿيارن جي ڊوڙ کي روڪيو وڃي، جڏهن ته آمريڪا طرفان اهڙا بيان ان ڪوشش کي نقصان پهچائين ٿا. هي بيان اهڙي وقت ۾ سامهون آيو آهي جڏهن عالمي سطح تي خلائي سلامتي ۽ عسڪري مقابلي جي حوالي سان وڏين طاقتن وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ اضافو ڏٺو پيو وڃي.

بقايا * 09**

اونڊري دوستال ۽ سٽي ڪائونسلر محمد ناصر سان ملاقات ڪئي، برسلز ۾ پاڪستاني سفارتخاني طرفان جاري بيان مطابق ملاقات دوران علائقائي سلامتي جي معاملن، پاڪستان ۽ يورپي يونين وچ ۾ پارلياماني لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۽ عوامي سطح تي رابطن کي هٿي وٺرائڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون.

بقايا * 10**

ڊبل هيلڪس ڍانچي جي دريافت ۽ 2003ع ۾ هيومن جينوم پراجيڪٽ جي مڪمل ٿيڻ جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي. ان ڏينهن جو مقصد جينياتي تحقيق ۾ اڳڀرائي کي اجاگر ڪرڻ ۽ انساني صحت تي ان جي اثرن کي سمجهڻ آهي. واضح رهي ته ڊي اين اي جو عالمي ڏينهن 25 اپريل 1953ع تي واٽسن، ڪرڪ ۽ فرينڪلن طرفان ڊي اين اي جي ساخت دريافت ڪرڻ جي اعزاز ۾ ملهايو ويندو آهي. اهو ڏينهن سائنسدانن، استادن ۽ شاگردن کي جينياتي ٽيڪنالاجي بابت سکڻ ۽ سهڪار ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿو واضح رهي ته سڀ کان پهريان 1869ع ۾ فريڊرڪ ميشر پهريون ڀيرو ڊي اين اي دريافت ڪيو هو. ڊي اين اي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سرڪاري، غير سرڪاري، طبي ۽ نجي ادارن جي انتظام هيٺ مختلف تقريبون منعقد ڪيون وينديون ته جيئن ڊي اين اي جي اهميت کي فائدن کي اجاگر ڪري سگهجي.

بقايا * 11**

مرزا، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه، عارف جتوئي، جسم چيئرمين رياض چانڊيو پاران بهتر لوڪل نظام لاءِ هڪ ترميم عوام لاءِ جي عنوان هيٺ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي.اڳواڻن پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته بهتر لوڪل نظام جي لاءِ هڪ ترميم عوام لاءِ ٿيڻ گهرجي، انتظاميه جي هيٺين سطح تي منتقلي لاءِ بهتر بلدياتي نظام ضروري آهي، سنڌ جو ڪو به نمائندو صوبي جي ورهاڱي جي حق ۾ ووٽ نه ڏيندو، عوام جي مرضي جي خلاف وڃي سنڌ ۽ بلوچستان صوبن جي جاگرافي ۾ تبديلي ڪئي وئي ته خون خرابو ٿيندو، ڪو به طاقتور صوبن کي ٽوڙي نه ٿو سگهي، ڪهڙا ٽيڪس وفاق ۽ ڪهڙا صوبن وٽ هجڻ گهرجن اهو طئي ٿيڻ گهرجي، اهڙو وقت ايندو ملڪ کي جمهوريت جي پٽڙي تي آڻڻو پوندو، ان معاملي تي ملڪ ۾ هن وقت ڳالهائڻ جي شروعات ٿيڻ گهرجي، هن وقت ملڪ ۾ جمهوريت چاهيون ٿا ، مهاجر به [illegible] سنڌي آهن پر شرط اهو آهي ته هو به سنڌ جي ثقافت جو احترام ڪن.اڳوڻي وفاقي وزير اسد عمر پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته مڪاني نظام جي تجويز عوام لاءِ هڪ آئوٽ ڪرڻ لاءِ هي سلسلو شروع ڪيو آهي، پاڪستان ۾ جيتري مرڪزيت وڌي رهي ايتري ملڪ کي نقصان ٿي رهيو آهي، مرڪزيت جو نتيجو اهو آهي ته پنجاب جي 5 سالا بجيٽ ۾ 91 سيڪڙو حصو لاهور تي خرچ ڪيو وين، اهڙي طرح سنڌ جي ضلعن اندر بجيٽ جي ورهاست غير منصفاڻي جي رهي آهي، هيٺين سطح تي اختيارن جي منتقلي لاءِ هڪ بهتر لوڪل گورنمينٽ سسٽم ضروري آهي، سنڌ جو ڪو به نمائندو صوبي جي ورهاڱي جي حق ۾ ووٽ نه ڏيندو اسد عمر چيو ته 1947 سنڌ ۾ اردو ۽ گجراتي ڳالهائيندڙ آيا اهي به سنڌي آهن ۽ انهن جو هن صوبي ۾ ٻين جيترو ئي حق آهي. سمورا اختيار صوبن کان وٺڻ اصول جي خلاف آهي اسان ائين نٿا چاهيون پر ڪهڙي هنڌ اسڪول قائم ٿيندو ان ۾ ڪهڙو استاد مقرر هجڻ گهرجي اهڙا اختيار لوڪل حڪومت وٽ هجڻ گهرجن ملڪ کي جمهوريت جي پٽڙي تي آڻڻ جي ضرورت آهي. انهي مسئلي تي هاڻي بحث شروع ٿيڻ گهرجي اختيار هيٺين سطح تائين ادارن کي مالي ۽ انتظامي اختيار ڏئي اثرائتو بڻائڻ ضروري آهي. جنهن ڪري اسان چاهيون ٿا ته لوڪل گورنمينٽ نظام جا اختيار هيٺ منتقل ٿيڻ گهرجن. جنهن لاءِ عوامي نمائندن سان ڳنڍجي جاڳرتا مهم هلائي رهيا آهيون طاقت ۽ جبر جي بنياد تي قومن کي نٿو هلائي سگهجن. قومن کي بنيادي سهولتون ۽ ٻيا سمورا حق ڏيڻا پوندا. سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام جي خواهشن جي ابتڙ ڪنهن به فيصلي کي عوام قبول نه ڪندي.ايس يو پي صدر سيد زين شاهه جو چوڻ هو ته اسان به صوبائي خودمختياري ۽ لوڪل گورنمينٽ جي اختيارن جي هيٺين سطح منتقلي چاهيون ٿا. پر سنڌ جي وحدايت، وسيلن ۽ خودمختياري تي ڪو به ڪمپرومائيز ڪونه ڪيو ويندو. سنڌ جي پاڻي، معدني وسيلن جي مالڪي ۽ مڪمل اختيار صوبي جي هٿ گهرجن. وفاقي حڪومت جي غلط پاليسين سبب بلوچستان جي صورتحال خراب آهي. وفاقي حڪومت مخالف اٿارٽيون ناهي صوبن جي 18 هين ترميم ۾ مليل اختيار کسي رهي آهي. اين ايف سي ايوارڊ ۾ سنڌ جي حصي ۾ ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ برداشت نه ڪيو ويندو. ائين جي بنيادي شڪن تحت سمورا ادارا آزاد هجن. پر هتي سياسي سرگرمين به ڪرڻ نٿيون وڃن. لوڪل گورنمينٽ جي بجيٽ وڌڻ گهرجي يو پي جي چيئرمين چيو ته صوبن کي با اختيار بڻائڻ جي ڳالهه ڪري انهن کي ڪمزور ڪرڻ صوبن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش برابر سمجهون ٿا. ترميمون ڪري عدالتن کان اختيار کسي، عوام جا بنيادي حق ختم ڪيا ويا آهن صوبن جي تاريخي حيثيت کي برقرار رکندي ڀلي ترميمون ڪيون وڃن. جيڪڏهن ملڪ ۾ ٻيو سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي ته لوڪل گورنمينٽ جي ڳالهه ڪجي، لوڪل گورنمينٽ جا اختيار وڌائڻ گهرجن. بجيٽ به وڌڻ گهرجي پر صوبن ۽ قومن جا بنيادي حق ملڻ گهرجن.اڳوڻي ايم پي اي حسنين مرزا جو چوڻ هو ته لوڪل گورنمينٽ جا اختيار هيٺين سطح تائين ٿيڻ گهرجن. سنڌ سميت ڇئي صوبن ۾ متحرڪ لوڪل گورنمينٽ نظام لاڳو ناهي ڪيو ويو. نئين صوبائي لوڪل گورنمينٽ قانون ۾ عمل ٿيڻ تائين 11 ڀيرا ترميمون ڪيون ويون. اليڪشن ٿيڻ ڪانپوءِ ترميم ڪري ميئر چونڊائڻ جي شڪن ۾ تبديلي ڪئي وئي.جيڪي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته درسي نصاب نظام تبديلي جو اختيار صوبن کي ڏنا وڃن. لوڪل گورنمينٽ جي نظام ۾ بهتري چاهيون ٿا پر وسيلن سان مالا مال سنڌ جي ماڻهن کي ديوار سان لڳايو پيو وڃي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. حالت اها آهي ته اسان چئون ته انڊس ريور سسٽم ۾ پاڻي ڪونهي هي چون ٿا ته 6 ڪئنال ٺهندا ۽ اهڙيءَ طرح پوءِ ترقي ٿيندي. هن چيو ته جعلي آدمشماري ڪرائي سنڌ جون سيٽون گهٽايون ويون سيٽزن ايڪٽ ختم ڪيو ويو جنهن ۾ غير مقامي زمين ملڪيت خريد ڪري نٿي سگهن جيئن گلگت بلتستان ۾ اهو نظام لاڳو ٿيل آهي. عارف مصطفي جتوئي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته ڪو اهڙو سياستدان ڪونهي جيڪو چوي ته لوڪل گورنمينٽ نه کپي، اسڪولن جي مرمت، استادن بدلين ۽ مقررين جا اختيار يوسي سطح تي هئڻ گهرجن.اهي اختيار ڪراچي ۽ ڊينل سيڪريٽري وٽ نه هئڻ گهرجن. هن چيو ته ملڪ ۾ لوڪل گورنمينٽ جو اهڙو نظام هئڻ گهرجي جنهن ۾ هر پارٽي جو نمائندو اچي سگهي. سمورين سياسي پارٽين کي گڏجي اثرائتو لوڪل گورنمينٽ نظام آڻڻو پوندو.

بقايا * 12**

ويلن ۾ 2 مرد، هڪ عورت ۽ هڪ نينگر شامل آهي، چئني ڄڻن کي مٽي ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب قتل ٿي ويلن ۾ مقتول حبيب الرحمان سيڪيورٽي گارڊ آهي جيڪو پنهنجي فيملي سان گڏ رهائش پذير هو. اطلاع ڏيندڙ سيڪيورٽي گارڊ ۽ پاڙي وارن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويا آهن.

بقايا * 13**

چيو ته صدر شي جن پنگ تازو ئي وچ اوڀر ۾ امن ۽ استحڪام کي برقرار رکڻ ۽ ان کي هٿي وٺائڻ لاءِ چار نقاطي تجويزون پيش ڪيون جيڪي تڪرار جي خاتمي ۽ خطي ۾ موجوده بحران جو حل فراهم ڪنديون. چين جي ميڊيا موجب هن چيو ته برڪس ملڪن کي آزادي ۽ غيرجانبداري کي برقرار رکڻ گهرجي، انصاف ۽ اخلاقيات جي پاسداري ڪرڻ گهرجي، ته جيئن وچ اوڀر ۽ دنيا ۾ امن جي قيام لاءِ هاڪاري ۽ تعميري ڪردار ادا ڪري سگهجي.

بقايا * 14**

ن ۾ موساد جي 4 جاسوسن سميت 200 کان وڌيڪ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدارن تي بم ٺاهڻ ۽ هٿيارن جي سمگلنگ جو الزام آهي. آپريشن ۾ 100 کان وڌيڪ ڌماڪيدار ڊوائسز به قبضي ۾ ورتيون ويون.

بقايا * 15**

هڪار وڌائڻ تي زور ڀريو آهي. گڏيل قومن جي دهشتگردي جي روڪٿام بابت آفيس ۽ پاڪستان مشن جي انتظام هيٺ منعقد تقريب کي خطاب ڪندي گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار احمد چيو ته دهشتگردي ۽ ٽيڪنالاجي جي گٺ جوڙ کي منهن ڏيڻ لاءِ معلومات جي مٽاسٽا، مضبوط ڊجيٽل نظام ۽ اثرائتو عالمي فريم ورڪ اٿر ڪرڻ. تقريب جنهن جو عنوان دهشتگردي جا نوان ۽ اڀرندڙ رجحان هو ۾ سفارتڪارن، ماهرن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان جي گڏيل صدارت پاڪستاني سفير عاصم افتخار احمد ۽ گڏيل قومن جي وقتي انڊر سيڪريٽري جنرل اليگزينڊر زوئيف ڪئي، پنهنجي خطاب ۾ پاڪستاني نمائندي انتهاپسندي جي بنيادي سببن جهڙوڪ نسل پرستي، عدم برداشت ۽ اسلامو فوبيا کي به دهشتگردي جي هٿي ڏيڻ جو سبب قرار ڏنو ۽ ان جي خاتمي تي زور ڀريو هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ وڏو جاني ۽ مالي نقصان ڪٽي چڪو آهي. هن خبردار ڪيو ته تحريڪ طالبان پاڪستان ۽ بلوچ لبريشن آرمي جهڙا گروپ جديد ٽيڪنالاجي، سوشل ميڊيا ۽ ڊجيٽل ذريعا استعمال ڪري پنهنجي نيٽ ورڪز کي مضبوط بڻائي رهيا آهن. اجلاس ۾ ماهرن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته مصنوعي ذهانت، سوشل ميڊيا، ڪرپٽو ڪرنسي ۽ ٻيا ڊجيٽل ٽولز دهشتگردن لاءِ نوان موقعا پيدا ڪري رهيا آهن جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ عالمي سهڪار ۽ قانونن ۾ بهتري ضروري آهي.

بقايا * 16**

رهيون آهن پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چيو ته انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي ايندڙ هفتي لاءِ ڊيزل ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ 26.77 رپيا واڌ ڪئي وئي آهي. حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ کي ممڪن حد تائين برقرار رکيو آهي، هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت سميت سيني صوبائي حڪومتن عوام کي رليف پيڪيج ڏنو آهي ۽ هو دعا ڪري ٿو ته علائقائي امن حاصل ڪرڻ ۾ جلد اڳڀرائي ٿئي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا * 17**

يم اين اي سيد اياز شاهه شيرازي،ٽائون چيئرمين آفتاب اڪرم شاهه شيرازي، سيد غلام حسن شاهه شيرازي،سيد اظهار شاهه شيرازي ۽ ٻين پاران اجرڪون ۽ لنگيون پارائڻ سان گڏ مٺن گلن جي ورکا پڻ ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي ايم اين اي اياز شاهه شيرازي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ضلعي ٺٽي جي بن فيڊرل کي لوڊشيڊنگ فري ڪرڻ کان پوءِ سڄاول جي پيو ٽالپر فيڊر کي پڻ لوڊشيڊنگ فري ڪرڻ سميت تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مون حيسڪو جي سهڪار سان سنڌ جي 52 فيڊرس کي لوڊشيڊنگ فري ڪرائي ڇڏيو آهي، هن چيو ته هن وقت جيڪو حيسڪو جي سپيڪو جي اعلي ڪارڪردگي کان ويندي هاڻ حيسڪو خساري ۽ نقصان ۾ وڃڻ بجاءِ ترقي ۽ فائدي طرف وڃي رهي آهي ان ڪري واپڊا جي ڪي نيلام ڪرڻ جي سازش خلاف آئون خود حيسڪو اسٽاف سان ملي سخت احتجاج ڪندس. تقريب ۾ حيسڪو انتظاميه پاران سيف الله ڏاهري،اعجاز احمد شيخ،ڊاڪٽر عمران شيخ،دين محمد گجر، سهيل شيخ، ديوان ستي جو پيار علي خواجه ۽ ٻيا معززين پڻ شريڪ هئا

بقايا * 18**

ڇڏيو آهي.لوڙان ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته موجوده عالمي صورتحال پريشاني پيدا ڪئي آهي جي يو آءِ (ف) جي سربراهه چيو ته ملڪ کي آئين ۽ قانون جي مطابق هلائڻ گهرجي، هن چيو ته جمعيت علماءِ اسلام ڪڏهن به عوام کي اڪيلو نه ڇڏيندي، ۽ صوبن جي خودمختياري جي ڳالهه ڪندي آهي.هن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ اهڙيون چونڊون ٿيڻ گهرجن جيڪي عوام جي حقيقي نمائندگي ڪن.

بقايا * 19**

ي عملدارن موجب، باقر قاليباف کي ايراني وفد جي سربراهه ۽ جي ڊي وينس جي هم منصب طور ڏٺو پيو وڃي. عملدارن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڳالهيون اڳتي وڌن ٿيون ته جي ڊي وينس کنهن به وقت پاڪستان جو دورو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. جي ڊي وينس جو عملو اسلام آباد ۾ هوندو ۽ ڳالهين جو حصو هوندو. آمريڪي وفد سان روبرو ڳالهيون يا ملاقات نه ڪنداسين. ايران ايراني وفد پاڪستان تي واضح ڪيو آهي ته هو وٽڪوف ۽ ڪشنر سان روبرو ملاقات يا ڳالهيون نه ڪندا. چوڻ ته هو اسانجي هزارين شهرين جا قاتل آهن. ٻنهي ڌرين ۾ تجويزن جي مٽا سٽا پاڪستان معرفت ڪئي ويندي. عباس عراقچي جيڪو جمعي ۽ ڇنڇر واري رات دير سان مختصر وفد سان گڏ اسلام آباد پهتو ته ڊپٽي وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ چيف آف ڊفينس فورسز عاصم منير سندس استقبال ڪيو هو. برطانيه ايران جي انقلابي گارڊ کي دهشتگرد تنظيم طور نامزد ڪرڻ لاءِ قانون سازي ڪندو برطانوي وزيراعظم سرڪيئر اسٽارمر چيو آهي ته سندس ملڪ ايران جي انقلابي گارڊ کي دهشتگرد تنظيم طور نامزد ڪرڻ لاءِ هفتن اندر قانون سازي ڪندو، فنانشل ٽائمز جي مطابق، اسٽارمر جو قدم يهودي گروهن ۽ ايران ۾ مذهبي حڪومت جي مخالفن جي مطالبن کان پوءِ کنيو ويو آهي. هن کي برطانيه جي بادشاهه چارلس جي متوقع تقرير ۾ ان کي شامل ڪرڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. اڳ ۾ برطانيه ۽ دهشتگردي ايڪٽ تحت صرف غير رياستي ادارڪن ۽ تنظيمن کي دهشتگرد طور نامزد ڪيو ويو آهي. اهو پهريون ڀيرو هوندو ته برطانيه ڪنهن ملڪ جي هٿياربند فوج کي دهشتگرد طور نامزد ڪندو. يورپي يونين اڳ ۾ ئي فيبروري ۾ فيصلو ڪيو هو ته انقلابي گارڊ کي دهشتگرد طور نامزد ڪيو ويندو. روس ۽ يو اي اي وچ اوڀر ڳالهين جي بحالي جو مطالبو روسي پرڏيهي وزارت جي مطابق، پرڏيهي وزير سرگئي لاوروف ۽ يو اي اي جي پرڏيهي وزير شيخ عبدالله بن زيد ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، ٻنهي اڳواڻن وچ اوڀر جي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ ڳالهين جي بحالي جو مطالبو ڪيو ۽ اتفاق ڪيو ته ڳالهين جي بحالي هڪ ٺوس پائيدار ۽ پائيدار معاهدي تائين پهچڻ لاءِ ضروري آهي. نيوز ايجنسي جي مطابق، ٻنهي پرڏيهي وزيرن اهو به زور ڏنو ته ڪنهن به حل ۾ خطي جي سيني ملڪن جي جائز مفادن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي. آمريڪي هوائي فوج جا درجنين جهاز وچ اوڀر ڏانهن مسلسل سامان پهچائي رهيا آهن: روسي ميڊيا روسي ميڊيا موجب، آمريڪي هوائي فوج جا درجنين جهاز وچ اوڀر ڏانهن مسلسل سامان پهچائي رهيا آهن ۽ اهي جهاز بنا ڪنهن رڪاوٽ جي وچ اوڀر جي ملڪن ۾ پهچي رهيا آهن.اهو واضح نه ڪيو ويو ته وچ اوڀر ڏانهن ڪهڙي قسم جو سامان پهچايو پيو وڃي، جو مقصد ڇا آهي ۽ ڪيترا ٽرانسپورٽ جهاز ڪهڙن ملڪن کي پهچايا ويا آهن. جن ملڪن جي هوائي حدن ۾ اهي جهاز داخل ٿيندا ڏيکاريا ويا آهن انهن ۾ ايران جي ساحلي علائقن جي ويجهو ملڪ شامل آهن. روس جي ميڊيا موجب ڳالهين دوران، آمريڪا خاموشي سان اسرائيل کي ڪيترائي ريفيولنگ جهاز به پهچائي رهيو آهي.

بقايا * 20**

ميڊيا موجب روس ۾ مقرر ايران جي سفير ڪاظم جلال هڪ بيان ۾ چيو ته حڪومت ان اهم اجلاس جي بندوبست جي رٿابندي ڪري رهي آهي ۽ جيڪڏهن حالتون سازگار رهيون ته اها ڪانفرنس مقرر وقت تي منعقد ٿيندي. رپورٽن موجب ايران 12 آگسٽ کان ستين ڪيسپين سمٽ جي ميزباني جو ارادو رکي ٿو جيڪو امڪاني طور تي روس جي صدر ولاديمير پيوٽن ۽ ايران جي اعليٰ قيادت وچ ۾ ملاقات جو موقعو به فراهم ڪري سگهي ٿو. ڪيسپين سمٽ هڪ اعليٰ سطح سفارتي پليٽ فورم آهي جنهن ۾ ڪيسپين سمنڊ سان ڳنڍيل پنجن ملڪن يعني روس، آذربائيجان، ايران، قازقستان ۽ ترڪمانستان جا سربراهه شرڪت ڪندا آهن اهي ملڪ گڏيل طور تي "ڪيسپين فائيو" سڏرائيندا آهن.

بقايا * 21**

جي تيل جي خريداري بابت ڏنل عارضي ڇوٽ ۾ وڌيڪ واڌ جو ارادو نٿي رکي. پرڏيهي ميڊيا موجب هن چيو ته سامونڊي جهازن تي موجود گهڻي ڀاڱي روسي تيل کي ڏنل ڇوٽ ڏي ڪرو يا استعمال ٿي چڪو آهي، ان لاءِ نئين واڌ ضرورت گهٽ آهي. ياد رهي ته مارچ ۾ آمريڪا انهن جهازن تي رکيل روس جي تيل کي وڪرو ڪرڻ لاءِ محدود وقت جي ڇوٽ ڏني هئي جيڪي ان کان اڳ لوڊ ڪيو ويو هو جنهن کان پوءِ ان اجازت نامي ۾ ترميم ڪندي ڪجهه خطرن سبب ڏيتي ليتي تي پابنديون لڳايون ويون. جڏهن ته اپريل ۾ ان جو عارضي طور وقت وڌائي 16 مئي تائين ڪيو ويو هو.

بقايا * 22**

فوج سان تعاون ڪرڻ ۽ بحري حدن جون پيچڪڙيون ڪرڻ تي ٻن بحري جهازن کي قبضي ۾ وٺڻ جي دعويٰ ڪئي آهي.خبرون ڏيندڙ اداري پاسداران انقلاب جي هڪ سرڪاري بيان جو حوالو ڏيندي چيو آهي ته اهو قبضو بحري فوج طرفان مڪمل جاچ ۽ گهري انٽيليجنس نگراني کان پوءِ ڪيو ويو.بيان ۾ اهو به اشارو ڪيو ويو آهي ته قبضي ۾ ورتل سامونڊي جهازن گذريل ڇهن مهينن جي دوران آمريڪي بندر گاهن جي لاءِ ڪيترائي سفر ڪيا آهن. جنهن سان انهن جهازن جي مشن جي نوعيت ۽ آمريڪي فوج سان انهي جي تعلق جي باري ۾ شڪ پيدا ٿيا آهن پاسداران انقلاب وڌيڪ چيو ته انهن جي طرفان جاري ڪيل وارننگ کي هر ڀيري نظرانداز ڪرڻ کان پوءِ جهازن کي ضبط ڪيو ويو آهي جهاز سامونڊي پيچڪڙين ۾ ملوث هئا جيڪي خطي جي سلامتي کي نقصان پهچائين ٿا.

بقايا * 23**

مئي 2026ع ۾ ٿائين چين جو سرڪاري دورو ڪندو. پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب صدر پنهنجي دوري دوران 25 کان 27 اپريل تائين چانڪشا (صوبي هونان) ۽ 28 اپريل کان پهرين مئي تائين سانيا (صوبي هينان) جو دورو ڪندو. ان موقعي تي صدر چيني صوبائي قيادت سان ملاقات ڪندو جن ۾ پاڪستان ۽ چين جي ٻه طرفه لاڳاپن، خاص ڪري اقتصادي ۽ واپاري تعاون ۽ چين پاڪستان اقتصادي راهداري تي تفصيلي ڳالهيون ڪندو. اهو دورو پاڪستان ۽ چين وچ ۾ اعليٰ سطح جي مٽاسٽا جي پراڻي روايت جو حصو آهي. هن سال ٻنهي ملڪن وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جي قيام جي 75 هين سالگره به ملهائي پئي وڃي جنهن کي نظر ۾ رکندي ان دوري کي خاص اهميت حاصل آهي. اهو دورو ٻنهي ملڪن وچ ۾ مضبوط آل ويدر اسٽريٽجڪ ڪو آپريٽو پارٽنرشپ کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو مظهر آهي.

بقايا * 24**

۾ ڊينگي جا 183 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. ۽ هن سال ڪراچي ۾ ڊينگي سبب هڪ مريض فوت ٿيو آهي. ڪراچي جي اوڀر ضلعي مان ڊينگي جا 66 ڪيس، ڏکڻ ضلعي مان 39، سينٽرل ضلعي مان 38، مليرضلعي مان 19، ڪيماڙي ضلعي مان 10، اولهه ضلعي مان 7 ۽ ڪورنگي ضلعي مان 4 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن سنڌ جي صحت کاتي جو چوڻ آهي ته حيدرآباد ڊويزن مان ڊينگي جا 25 ڪيس ۽ ميرپورخاص ڊويزن مان 9 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن.ان کان علاوه، هن سال سکر ڊويزن مان ڊينگي جا 3 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن.

بقايا * 25**

ينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ خطي جي تازي صورتحال جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ هن ورجايو ته پاڪستان خطي ۾ ان کان ٻاهر امن ۽ استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهين ۾ سهولت فراهم ڪري رهيو آهي ۽ پاڪستان ان سلسلي ۾ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو. ڇنڇر جي پرڏيهي آفيس پاران جاري ڪيل هڪ بيان موجب، هن وڌيڪ واضح ڪيو ته ايران-آمريڪا سهولت جي عمل بابت پاڪستان جي سرڪاري پاليسي اها ئي آهي جيڪا صرف سرڪاري ذريعن ذريعي جاري ڪئي ويندي آهي. ڪنهن به غير نامزد پاڪستاني عهديدار يا ذريعن جا بيان، چاهي اهي پرنٽ ۾ هجن يا سوشل ميڊيا تي، پاڪستان جي سرڪاري موقف جي عڪاسي نٿا ڪن. هن پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي مشورو ڏنو ته اهي قياس آرائين تي ٻڌل رپورٽنگ کان پاسو ڪن ۽ صرف سرڪاري بيانن تي ڌيان ڏين.

بقايا * 26**

بيان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ملڪ ۾ بجلي جي ڊيمانڊ ۾ اضافو ٿيو آهي. تربيلا ڊيم مان پاڻي جي اخراج ۾ رات جي وقت اضافي سان پن بجلي جي پيداوار ۾ اضافو ٿيو آهي. ڪالهه رات پيڪ ٽائيم ۾ ٽوٽل پن بجلي جي پيداوار 6000 ميگاواٽ رهي جڏهن ته ملڪ جي ٽوٽل پن بجلي جي استعداد 11500 ميگاواٽ آهي. پن بجلي جي پيداوار ۾ اضافي سان ملڪ جي ڏکڻ کان نيشنل گرڊ ۾ ٽرانسمشن جي بدولت وڌيڪ 100 ميگاواٽ سينٽرلائز ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. ترجمان موجب ملڪ جي ڏکڻ کان ڪالهه 500 ميگاواٽ جي ٽرسيل ممڪن ٿي آهي. بيان موجب ڪالهه رات بجلي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين رات جي پيڪ اوقات ۾ هڪ ڪلاڪ کان وٺي 2 ڪلاڪن تائين لوڊ مينيجمينٽ ڪئي، پن بجلي جي پيداوار ۾ اضافي جي بدولت بجلي جي وڌيڪ ڊيمانڊ جي باوجود لوڊ مينيجمينٽ 2 ڪلاڪ کان وڌيڪ نه ٿي آهي. ملڪ ۾ ڪٿي ڪٿي نقصان وارن فيڊرز تي اڪنامڪ لوڊ مينيجمينٽ پاليسي جي تحت ڪئي پئي وڃي. پاور ڊويزن جي ترجمان موجب اڪنامڪ لوڊ مينيجمينٽ جو پيڪ آورز ۾ لوڊ مينيجمينٽ سان ڪو به تعلق نه آهي. ايل اين جي جي عالمي حالتن جي آڌار تي عدم دستيابي سان 5500 ميگاواٽ جي پاور پلانٽس مان بجلي پيدا نه ٿي رهي آهي. ايل اين جي جي دستيابي ۽ پاڻي جي اخراج ۾ اضافي سان رات جي وقت جو شارٽ فال ختم ٿي ويندو.

بقايا * 27**

بخار ٿي ناهي پر غفلت جي صورت ۾ موتمار به آهي. هن چيو ته مليريا جي عالمي ڏهاڙي جو مقصد سنڌ حڪومت عوام کي هن مرض خلاف سجاڳ ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. سنڌ صوبي مان مليريا جو خاتمو آڻينداسين. مليريا فري سنڌ جي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. هن چيو ته سنڌ صحت کاتي کي مليريا کان بچاءَ لاءِ مهم تيز ڪرڻ گهرجي، سنڌ جا شهري پنهنجي گهرن ۽ آسپاس صفائي جو خاص خيال رکن ته جيئن مڇر پيدا نه ٿين. هن چيو ته مليريا جون علامتون ظاهر ٿيڻ تي فوري طور تي مريض کي اسپتال ريفر ڪيو وڃي جتي سرڪاري اسپتالن ۾ علاج مفت ڪيو پيو وڃي. هن مليريا کان بچاءَ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ ۽ ميونسپالٽي کاتي کي هدايت ڪئي ته هو گندن نالن جي صفائي ۽ جراثيم ڪش اسپري جو شيڊيول سخت ڪيو وڃي.

بقايا * 28**

ي لاءِ تماشائين کي اسٽيڊيم اچڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي.پي سي بي چيئرمين محسن نقوي سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته مون وزيراعظم شهباز شريف کان تماشائين جي اسٽيڊيم ۾ اچڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ درخواست ڪئي هئي.محسن نقوي چيو ته وزيراعظم ته چاهيو ٿي ته شوقين کي اجازت ملڻ گهرجي، فرنچائز آنرز جي درخواست تي وزيراعظم پي ايس ايل فائنل ۾ شوقين کي اسٽيڊيم اچڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي.هن وزيراعظم شهباز شريف جو ٿورو ادا ڪندي چيو ته وزيراعظم ڪفايت شعاري مهم تي به زور ڏنو آهي. ياد رهي ته وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ ۽ آمريڪا ايران جنگ سبب پيدا ٿيل تيل جي بحران کي نظر ۾ رکندي وزيراعظم شهباز شريف ملڪ ۾ ڪفايت شعاري مهم جو اعلان ڪري رکيو آهي. واضح رهي ته پي ايس ايل جي يارهين ايڊيشن جو فائنل 3 مئي تي قذافي اسٽيڊيم لاهور ۾ کيڏيو ويندو.

بقايا * 29**

ي تفصيل مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 33 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 50 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 38 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 38 هزار 300 ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد 74 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 74 هزار 100 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 35 هزار ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 35 هزار ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 19 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 12 هزار 300 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي صورتحال موجب گڊو بئراج ۾ پاڻي جي آمد 39 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 39 هزار 300 ڪيوسڪ، سکر بئراج ۾ پاڻي جي آمد 34 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 6 هزار 500 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جي آمد 20 هزار ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 2 هزار 300 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. اهڙي طرح آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1465.57 فوٽ. ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.524 ملين ايڪڙ فوٽ. منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1160.95 فوٽ. ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.163 ملين ايڪڙ فوٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 647.70 فوٽ. پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.244 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 01

درجنين مزدور مرد، عورتون ۽ معصوم ٻارن شرڪت ڪري خلاف نعريبازي ڪئي ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي متاثرن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته علائقي جا بااثر عياش پرست ۽ بدمعاش ماڻهو ڪين مسلسل هراسان ڪري رهيا آهن جڏهن ته دلبر مهر پوليس تحفظ فراهم ڪرڻ بدران انهن بااثر ماڻهن جي چوڻ تي بنا ڪنهن جواز جي سندن گهرن ۾ داخل ٿي ڪين هراسان ڪري ٿي، هنن چيو ته رات ڏينهن بنا خوف جي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو پيو وڃي جنهن سبب هو سخت خوف ۽ بيچيني جو شڪار آهن. مظاهرين ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي بااثر ماڻهن ۽ سندن سهولتڪار پوليس اهلڪارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثرن کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 02

جتي مظاهرين پوليس جي ناانصافين خلاف سخت نعريبازي ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو. ان موقعي تي مقتول جو پيرسن پيءُ راڻو مري چيو ته ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ميرپورخاص پاران ايس ايڇ او سنڌڙي سميت ٻن پوليس اهلڪارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪرڻ باوجود پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي، هن ٻڌايو ته هو عدالتي حڪم جي ڪاپي کڻي سنڌڙي ٿاڻي پهتو جتي موجود پوليس اهلڪارن مبينا طور ڪيس اچي پني تي زبردستي صحيحون ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن هن انڪار ڪيو ته مٿس تشدد ڪيو ويو جنهن سبب پيرسن کي ٻانهن ۾ ڌڪ لڳوءِ هو زخمي ٿي پيو، متاثر ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ملوث اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ عدالتي حڪم تي عمل ڪرائي شفاف جاچ ذريعي ملوث جوابدارن خلاف فوري طور ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي، انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ هن پريس ڪلب آڏو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙڻ جو چتاءُ ڏنو، جڏهن ته سنڌڙي پوليس خلاف وارثن انصاف لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 03

ڪاتي پاران آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن جو مقصد عوام ۾ مليريا کان بچاءُ ۽ ان جي تدارڪ بابت شعور پيدا ڪرڻ هو ضلعي هيلٿ آفيس (ڊي ايڇ او) سجاول طرفان اين آر ايس پي جي سهڪار سان هي ڪيو ويو. واڪ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال سجاول کان شروع ٿي شهر جي مک روڊ تائين جاري رهيو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر غلام فاروق چانڊيو اڳواڻي ڪئي، جڏهن ته مختلف ڊاڪٽرن، هيلٿ اسٽاف، سماجي شخصيتن ۽ اين جي اوز جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر غلام فاروق چانڊيو چيو ته مليريا هڪ قابل علاج بيماري آهي ۽ بروقت احتياطي قدم کڻڻ سان ان کان بچي سگهجي ٿو هن شهرين تي زور ڏنو ته هو مڇر دانين (خاص ڪري انسڪٽيسائيڊ ٽريٽڊ نيٽس) جو استعمال يقيني بڻائين ۽ بخار جي صورت ۾ فوري طور ويجهن صحت مرڪزن تان مفت ٽيسٽ ڪرائين واڪ جي پڄاڻي تي ڊاڪٽر اشفاق جعفراني شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته مليريا جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون انتهائي ضروري آهن هن آگاهي واڪ جو مقصد عوام کي مليريا کان بچاءُ جي طريقن بابت ڄاڻ ڏيڻ ۽ ان جي خاتمي لاءِ صحت کاتي ۽ لاڳاپيل ادارن جي عزم کي اجاگر ڪرڻ هو

بقايا عوامي سوچ 04

تي لاهي وڏي حادثي کان بچي ويا. هن واقعي تي جذباتي ٿيندي چيو ته موٽر سائيڪل هلائيندڙ جڻ هوش ۾ نه هوءِ شڪ ظاهر ڪيو ته شايد ڪيس ڪنهن سياسي مخالف طرفان موڪليو ويو هجي. علائقي واسين موجب حادثي ۾ موٽر سائيڪل کي به نقصان ٿيو آهي. في الحال اهو واضح ناهي ته هي صرف اتفاقي حادثو هو يا ان جي پويان ڪا ٻي ڳالهه آهي.

بقايا عوامي سوچ 05

براين خلاف خبرون هلائڻ تان شر پسندن باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو، باهه ڪنٽرول کان نڪرڻ سبب گهر ۾ پيل قيمتي سامان ۽ 4ٻڪريون سونا زيور روڪ رقم هنڌ بسترا سڙي رک ٿي ويا. متاثر صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪنهن سان ڪا به دشمني ڪونهي حق سچ لکڻ جي سزا ڏني وئي آهي حق سچ لکندو رهندس ان موقعي تي سنڌس وڌيڪ چوڻ هيو ته نا معلوم شرپسندن گذريل رات اونداهيءَ جي فائدو وٺي گهر کي باهه ڏني جنهن سبب باهه لڳڻ سان گهر جو قيمتي سامان ۽ جانور سڙي خاڪ ٿي ويا جڏهن ته رپڙيءَ جي صحافين نذيراحمد پنهور نصيرناريجو سراج پنهور منور پنهور معشوق احمد ناريجو ۽ سماجي اڳوڻن ياسين لوهر ملهار پنهور زمان شيخ بلاول پنهور ٻين سياسي سماجي شهرين ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو ڪندي گهر ڪئي ته صحافيءَ جي نقصان جو ازالو ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 06

پنهور سندن 8 ويسا پلاٽ تي قبضو ڪري اوطاق ٺهرائي ڳوٺاڻن لاءِ عام رستو بند ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته قبضي خلاف آواز اٿارڻ تي پوليس اهلڪار ڊرائيور ممتاز پنهور جي پٽ ۽ ٻين مونکي اغوا ڪرائي تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد مونکي ڇڏي ڏنو، چيو ته 5 لک ڏي نه ته تنهنجي خاندان کي ماريو ويندو. يان لڏو ڪٽي وڃ متاثر وڌيڪ چيو ته سنڌس پٽ محمد حنيف پنهور دبئي ۾ محنت مزدوري ڪري ٿو، مخالف ڌر هر مهيني 25 هزار ڀتو ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيا آهن. پٽ هر مهيني 30 کان 50 هزار موڪلي گهر جو گذر سفر هلائي رهيو آهي، اغوا واري واقعي ڪانپوءِ پٽ پريشان ٿي وطن واپس پهتو آهي، علائقي جي دهشت گرد وڏيرن عبدالغفور، شهمير، ضمير، پوليس ڊرائيور ممتاز پنهور سندس پٽن زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي، هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي انڪوائري ڪرائي تحفظ فراهم ڪري قلجي اسٽيشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري شفاف جاچ ڪرائي وڃي،

بقايا عوامي سوچ 07

مينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرسان رهندڙ باگڙين جي گهرن کي اوچتو سولر جي تارن مان باهه لڳي وئي باهه لڳڻ سبب ٽن باگڙين منٺار باگڙي سائق باگڙي ۽ جنترام باگڙي جا گهر ۽ گهرن ۾ پيل روڪ رقم اناج سونا زيور سولر پليٽون 3 بيٽريون ڪپڙا ڪتون هنڌن سميت گهرن ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي وڃڻ سان گڏ سندن جون 2 وڏيون ٻڪريون به سڙي مري ويون آهن ان ڏس ۾ باهه متاثر باگڙي عورتن زروينا باگڙي پناڻي باگڙي ۽ ٻين متاثرين جو چوڻ هو ته اسان مسڪين پورهيت آهيون گذرا ۽ هنداٽا ڪپائي ٻچڙن جو پيٽ گذر ڪندا آهيون جڏهن ته اڄ اسانجي گهرن کي بجلي يا وري سولر جي تارن مان اوچتو باهه لڳي وئي آهي جنهن ڪري اسان جي گهرن ۾ هنداٽا ڪپائڻ جا رکيل 3 لکن کان چار لک رپين جا روڪ رقم رکيل پئسا سونا زيور اناج هنڌ بسترا ڪتون ۽ 3 سولر پليٽون ۽ لک لک رپين وارين ٽن بيٽرين سميت گهرن ۾ پيل سمورو سامان سڙي وڃڻ سان گڏ ٻ وڏيون ٻڪريون به سڙي مري ويون آهن جنهن ڪري اسان جو 10 لک رپين کان 12 لک رپين تائين جو نقصان ٿي ويو آهي جنهن ڪري معصوم ٻارڙن سميت کليل آسمان هيٺ ويٺل آهيون ان موقعي تي هنن ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته سندن جي مالي مدد ڪري ڪين گهر به ٺهرائي ڏنا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 08

ي آهي ورڪر پارٽي جو سرمايو آهن ڪنهن به ورڪر کي نه وساريو ويندو سيني دوستن کي ايجيسٽ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪنداسين جن دوستن کي پارٽي پاران ذميواريون سونپيون ويون آهن اهي پارٽي جي نظريي ۽ واڌ ويجهه لا پنهنجو ڪردار ادا ڪن ضلع جي نئي اعلان ٿيل ضلع باڊي توڙي پيپلز پارٽي تعلقه سجاول تعلقه جاتي تعلقو ميرپور بٺورو تعلقو شاهبندر جي اعلان ٿيل تنظيم جي عهديدارن جو گڏيل تعارفي اجلاس ٿي گذريو اجلاس ۾ پيپلزپارٽي جي نئون چونڊجي آيل سمورن عهديدارن ڀرپور شرڪت ڪئي... تعارفي گڏجاڻي ۾ پيپلزپارٽي ضلعي جي جنرل سيڪريٽري ايم پي اي ادي ريحانه لغاري سينئير نائب صدر ارباب ڪامران وزير ميمڻ انفارميشن سيڪريٽري منظور رحيم پليجو نائب صدر دائود سومرو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالواحد پرهياڙ علي محمد لغاري ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري ساگر ميمڻ زاهد حسن ڪڍو نجيب سرويچ ارباب ابراهيم ميمڻ ذوالفقار چانڊيو تعلقه صدر ڊاڪٽر اقبال ميمڻ لطيف ميمڻ حاجي محمد قريشي محمد يوسف جمالي سردار رميزالحق زئور ذيلي ونگ ربڏنو ڏنو جت فردوس عزيز ميربحر عبدالغني راهمون ڊاڪٽر هريش ڪمار شهمير گبول امير حيدر پليجو ڊاڪٽر قاسم خواجه علي نواز خاصخيلي عبدالغفور ميمڻ سميت سمورن ضلعي توڙي تعلقن ۽ يونين ڪائونسلن جي عهديدارن ۽ ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت

بقايا عوامي سوچ 09

ڏهن ته لکين روپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو تفصيل موجب، اوٻاوڙو شهر جي مين روڊ تي بانس لڪڙن جي دڪانن کي اوچتو لڳل باهه ڏسندي ئي ڏسندي شدت اختيار ڪري وئي ۽ ويجهو موجود چائن دوڪانن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو دوڪانن ۾ لکين روپين جي بانس ۽ سڪي ڪاٺ جي وڏي مقدار موجود هجڻ ڪري باهه تيزي سان پکڙجي وئي ۽ شعلا پري پري تائين نظر اچڻ لڳا. جنهن ڪري شهر واسين ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو واقعي جي اطلاع ملڻ شرط فائر برگيڊ جون ٽيمون واقعي واري هنڌ پهتيون ۽ مقامي ماڻهن جي مدد سان باهه وسائڻ جو ڪم شروع ڪيو لڳاتار پنجن ڪلاڪن جي ڪوششن ڪانپوءِ آخرڪار باهه تي ضابطو آندو ويو فائر برگيڊ جي هڪ آفيسر صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته. ”اسان کي اطلاع ملندي ئي ٽيمون فوري طور روانيون ڪيون ويون. باهه تمام شديد هئي ڇاڪاڻ ته دوڪانن ۾ بانس ۽ سڪي ڪاٺ وڏو مقدار ۾ موجود هو. جنهن ڪري باهه تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ وقت لڳو. پر ٽيم جي محنت سان آخرڪار باهه وسائي وئي. هڪ دوڪاندار متاثر شخص ٻڌايو ته باهه اوچتو لڳي ۽ ڪجهه ئي منٽن ۾ سڀ ڪجهه ساڙي ڇڏيو. اسان کي پنهنجو سامان بچائڻ جو به موقعو نه مليو. لکين روپين جو نقصان ٿيو آهي. شهر رهواسين پڻ ٻڌايو ته. فائر برگيڊ وقت سر پهتي ۽ وڏي محنت سان باهه تي ضابطو آندو. جيڪڏهن دير ٿئي ها ته نقصان وڌيڪ ٿي سگهي پيو. باهه سبب چارئي دوڪان مڪمل طور سڙي رک ٿي ويا آهن. جڏهن ته ابتدائي اندازن موجب لکين روپين جو نقصان ٿيو آهي خوشقسمتي سان ڪنهن به جاني نقصان جي اطلاع ناهي ملي واقعي ڪانپوءِ علائقي واسين فائر برگيڊ ۽ رضاڪارن جي بروقت ڪارروائي کي ساراهيو. جڏهن ته باهه لڳڻ جي سببن بابت جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 10

هي عرصي کان مرمت نه ٿيڻ سبب انتهائي زبون حالت اختيار ڪري وئي آهي، جنهن ڪري شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي اسڪول جي ڇت ۽ ديوارون ڪمزور ۽ ٽٽل هجڻ سبب روزانو ڇاپڙ ڪرڻ جا واقعا پيش اچي رهيا آهن. جنهن ڪري معصوم شاگردن ۽ استادن جي زندگين کي سخت خطرو لاحق ٿي ويو آهي علائقي واسين موجب ڪنهن به وقت ڪو وڏو حادثو پيش اچي سگهي ٿو. پر لاڳاپيل اختيارين طرفان هن سنگين مسئلي ڏانهن ڌيان نٿو ڏنو وڃي مقامي رهواسين، علي اڪبر ٻچو، سلمان ٻچو، جان محمد ٻچو، حاجي اڪرم جکرو ۽ اقبال جکرو ابلحسن جکرو ڪريم داد جکرو سميت ٻين ڳوٺ وارن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ٻارن جي تعليم سان گڏ سندن زندگيون به خطري ۾ آهن، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبولڻ جوڳو ناهي هنن اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ تعليم کاتي کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي عمارت جي فوري مرمت ڪرائي وڃي ۽ شاگردن لاءِ محفوظ تعليمي ماحول فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ڪنهن به امڪاني حادثي جي ذميواري لاڳاپيل ادارن تي عائد ٿيندي علائقي واسين اختيارين کان اپيل ڪئي آهي ته معاملي جو ترت نوٽيس وٺي عملي قدم کنيا وڃن ته جيئن معصوم ٻارن جو مستقبل محفوظ بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 11

ملوڪاڻي سميت ٽن ورڪرن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته ٻين قوم پرستن جي ڳولا جاري آهي انهن گرفتارين خلاف ايس يو پي جي سينئر اڳواڻ ڪامريڊ محمد خان پنهور فون ذريعي صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته پوليس اهي گرفتاريون سائين جي ايم سيد جي سالگرا کي ناڪام ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪري رهي آهي هن چيو ته اسان سدائين پرامن رهيا آهيون سائين جي ايم سيد جي سالگرا تي پڻ پرامن پروگرام رٿيل هو ان هوندي به پوليس بلاجواز گرفتاريون ڪري رهي آهي هن چيو ته سنڌ کي پوليس اسٽيٽ بڻايو ويو آهي قومي ڪارڪنن کي بلا جواز گرفتار ڪرائيندڙ سنڌ حڪومت جي جمهوري آزادي جو پول پڌرو ٿي رهيو آهي هن مطالبو ڪيو ته قومي ڪارڪنن جون بلاجواز گرفتاريون بند ڪيون وڃن ۽ گرفتار قومي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 12

يو. واڪ ريلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر دادو ڊاڪٽر عبدالحميد ڪونهارو مليريا فوڪل پرسن ڊاڪٽر احمد بخش چانڊيو، الطاف حسين پنهور، قربان لنڊ، محمد الياس ڪابورو ۽ مليريا جو اسٽاف شامل هو اڳواڻن چيو ته مليريا هڪ موذي مرض آهي مگر احتياط مليريا کان بچائي سگهي ٿو، مليريا کان بچاءُ لاءِ مڇرداني جو استعمال ڪيو وڃي، پاڻي جي کڏن، گندي پاڻي جي تلائن، نالين، گند ڪچري لاءِ مليريا آفيس مان دوا وٺي انهن کڏن ۾ وڌي وڃي

بقايا عوامي سوچ 13

تڪن جي عالمي هفتي جي سلسلي ۾ جاڳرتا مهم هلائڻ لاءِ تقريب ڪوٺائي وئي،جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر وسيم لاشاري،چيئرمين ڪمليش ڪمار،واپاري صدر ڪلديپ ڪمار پارواڻي،ڊاڪٽر شنڪرلال،معظم جتوئي ۽ ٻين معززين سميت سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪئي،انهي موقعي تي اي پي آئي جي تعلقي اسلام ڪوٽ جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر ساگر اٽنداڻي ڳالهائيندي چيو ته جيستائين عوام ۾ آگاهي مهم ڪي نه وڌايو ويندو تيستائين اسانکي بهتر نتيجا نه ملي سگهندا،اها وئڪسينيسن جو ڪارڊ ٻارن ۽ سندس مائرن لاءِ حياتي بچائڻ جو تحفو آهي جيڪو با امانت اسانکي انهن تائين پهچائڻو آهي انهي موقعي تي مقررين ڊي ايڇ او ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي،اي پي آئي فوڪل پرسن ٿرپارڪر ڊاڪٽر پرت ڪمارضلعي ۾ ڪوٽايل عالمي هفتي جي ڪاميابي لاءِ ڪوشش کي ساراهيو،انهي موقعي تي تي جڻ ڪمار،پيراميڊيڪل اسٽاف يونين جي صدر برڪت بجير،غازي بجير ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي،

بقايا عوامي سوچ 14

يائرن پاران نيڪ تمنائن سان خوشي جو اظهار سالگره جون ڪين مبارڪون ڏنيون بدين ڊسٽرڪٽ بار جي وڪيل برادري طرفان علمي ادبي شخصيت ۽ سماج سڌارڪ ڊاڪٽر سينيئر وڪيل عبدلڪريم دل جي جنم ڏينهن جي موقعي تي بار هائوس بدين تي هڪ پروقار تقريب دوران سينيئر ايڊووڪيٽ عبدالڪريم دل جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي سيني وڪيل يائرن پارن سنڌ جي ثقافت اجرڪ ڪيس اوڍايو ويو جنم ڏينهن واري تقريب ۾ هاءِ ڪورٽ ۽ ڊسٽرڪٽ بدين جي نالي وارا وڪيل شريڪ ٿيا جنهن ۾ وڪيل لالا دلدار پناڻ وڪيل فياض حسين ابڙو وڪيل صلاح الدين ميمڻ وڪيل منظور چانڊيو وڪيل امير آزاد پنهور وڪيل نذير لنڊ وڪيل اسحاق ميندرو وڪيل حاجي رفيق آرائين وڪيل مير شاهجان ٽالپر وڪيل مير حسن انڙ وڪيل عبدالمجيد پرهياڙ وڪيل سجاد خاصخيلي وڪيل سيد سجاد شاه شيرازي وڪيل لالا شهزاد ميمڻ وڪيل مير بشير ٽالپر وڪيل خادم حسين سومرو سيد سجاد شاه شيرازي ۽ ٻيا سينيئر ۽ جونيئر وڪيل تقريب ۾ شامل ٿيا بدين ڊسٽرڪٽ بار پاران منعقد ڪيل سالگره تقريب ۾ وڪيل عبدالڪريم دل ڳالهائيندي چيو ته بار اسان وڪيلن جي مان آهي اسان سڀ وڪيل بار جا فيملي ميمبر جيئان آهيون اسان انهيءَ اتحاد ڪانسواءِ اڌورا آهيون اڄ آئون پنهنجن وڪيل يائرن جو نهايت تهدل سان شڪر گذار آهيان جن منهنجي جنم ڏينهن کي ياد ڪري سٺي نموني ملهايو ۽ مون کي عزت بخشي جڏهن ته ناميارا وڪيلن عبدالڪريم دل جي ڪيل علمي ادبي ۽ سماجي خدمتن تي پڻ روشني وڌي

بقايا عوامي سوچ 15

ڊ ڪميٽي جي سربراهه اعجاز علي جسڪاڻي، جڏهن ته چونڊ ڪميٽي جي ميمبرن غلام نبي ”شاعر“ خاصخيلي ۽ محمد اشرف گنجلاٽي جي نگراني هيٺ ٿي گذري، جنهن ۾ نئين باڊي بنا مقابلي چونڊجي وئي. چونڊ نتيجن موجب سيڪريٽري طور اعظم پٽي، جوائنٽ سيڪريٽري امداد حسين ”ارمان“ خاصخيلي، خزانچي گل خاصخيلي، آڊيٽر پير ماجد جان سرهندي ۽ ڪائونسلر عاشق علي ڳاهو چونڊيا ويا. جڏهن ته ڪاروباري ڪميٽي جي ميمبرن ۾ آغا جان آغا، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، ميان مختيار علي نظاماڻي، محمد علي ”صارم“ سرهيو، گل محمد سومرو، ومل ڪيمچند شرما، فضل احمد لغاري، فيصل ميمڻ ۽ سميع الله ميمڻ پڻ بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا.ان موقعي تي خطاب ڪندي اعجاز علي جسڪاڻي، غلام نبي ”شاعر“ خاصخيلي، محمد اشرف گنجلاٽي، ڊاڪٽر قادر بخش مگسي ۽ ٻين چيو ته سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان صوبي جي انتهائي متحرڪ شاخن مان هڪ آهي. جيڪا 1953 ع کان وٺي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سماجي ميدان ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهي آهي. هنن چيو ته شاخ هميشه سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه لاءِ سرگرم رهي آهي ۽ سنڌ جي اجتماعي مسئلن تي پڻ پنهنجو اثرائتو آواز بلند ڪيو آهي. هنن چيو ته نئين چونڊيل باڊي پنهنجي ذميوارين کي ڀرپور نموني نڀائيندي ۽ شاخ جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ سگهارو بڻائيندي. ان کان اڳ اڳوٽي سيڪريٽري اعجاز علي جسڪاڻي ۽ خزانچي گل خاصخيلي پنهنجي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي، جنهن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ويو آخر ۾ نئين چونڊيل عهديدارن جو اعلان ٿيندي ئي هال تاڙين سان گونجي اٿيو، جڏهن ته ڪين اجرڪون پارائي مبارڪون ڏنيون ويون. تقريب دوران نوجوان راڳي جان محمد لغاري ۽ چنگ نواز حاڪم علي سولنگي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري محفل کي وڌيڪ رنگين بڻايو

بقايا عوامي سوچ 16

ا ڪردار ادا ڪندڙ سيد هارون شاه راشدي پنهنجي ٽيم سميت پهچي باه متاثرين جي مالي مدد ڪئي رپورٽ موجب احمدپور ۾ باگڙي برادريءَ جي ٽن گهرن کي سولر جي تارن مان اوچتو باه لڳڻ سبب ٽن چٽن منٺار باگڙي سائق باگڙي ۽ جنترام باگڙي جي گهرن ۾ پيل روڪ رقم ۽ ٻڪريون ۽ ٻيو سمورو گهريلو سامان سڙي رک ٿي وڃڻ جي اطلاع ملڻ تي تعلقي ڪنگري جي مسيحا ڪردار ادا ڪندڙ پير سيد محمد هارون شاه جن راشدي پنهنجي ٽيم فهيم ميمڻ فيصل ميمڻ شعيب رحيم بخش ميمڻ رحمان سيال عبدالحفيظ ٻبر ڊاڪٽر عبدالحميد ابڙو ۽ وسيم ملاح سميت پهچي ڪين سڙي ويل جهوپڙين جي ڪچن گهرن جي ٻيهر بحالي لاءِ بانس جا لڪڙا پترون ترپال عورتن ۽ مردن جي لاءِ ڪپڙا هنڌ بسترا ۽ کاڌي پيتي لاءِ راشن ۽ ٻئي وس آهر مالي مدد پڻ ڪئي وئي ۽ باه جي واقعي سبب ٿيل نقصانن جا تفصيل وٺندي ڪين مڪمل مالي مدد ڪرڻ جي به خاطري ڪرائي وئي، ان موقعي تي سيد هارون راشدي جو چوڻ هو ته سنڌ جي مارئڙن کي ڏک جي گهڙين ۾ ڏسي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيو آهي نه ئي ڪين اڪيلو ڇڏيو ويندو هر ڏکئي وقت ۾ مسلمانن جي مالي مدد ڪرڻ سان گڏ هي به انسان الله پاڪ جائي خلڪيل بندا آهن جن جي به خدمت ڪرڻ اسان پنهنجي عين عبادت سمجهون ٿا ۽ سوشل ميڊيا تي جيئن ئي مون احمدپور ۾ ٿيل اهڙي باه جي واقعي جي ويڊيو ڏٺي ۽ باه متاثرين جون دانهون ٻڌيون ته مان پنهنجي ٽيم سميت اهو فيصلو ڪيو ته جيستائين هنن جي مالي سهائتا مدد نه ڪبي تيستائين اسانجو گهرن ۾ آرام ڪرڻ توڙي کائڻ پيئڻ حرام آهي تڏهن هتي پهچي باگڙي برادريءَ جي باه متاثرين جي وس آهر ۽ تڪڙي مالي مدد ڪئي آهي ۽ اڳتي به هنن سان ڏک سک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

بقايا عوامي سوچ 17

، غلام نبي سرڪي، رستم سرڪي ۽ ٻين سرڪي هائوس ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته مڪلي ٿاڻي جي ايس ايڇ او مظهر ڪنگو سميت پوليس اهلڪارن پوليس گردي جي انتها ڪري ڇڏي آهي، جن گذريل رات مڪلي تي جهوپڙا هوٽل تي وڃي مفت ۾ ماني کاڌي ۽ پئسا گهرڻ تي هوٽل هلائيندڙ چئن نوجوانن عبدالجبار، عبدالغفار، عبدالمالڪ ۽ عنايت علي سرڪي کي ڪنيي گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي وڃي بدترين تشدد جو نشانو بڻايو ۽ مٿن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا. هنن چيو ته جڏهن نوجوانن کي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ٺٽو جي عدالت ۾ ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو ويو ته هنن عدالت آڏو پوليس تشدد جون شڪايتون ڪيون ۽ جسم تي موجود نشان ڏيکاريا. جنهن تي عدالت پوليس ريمانڊ ڏيڻ کان انڪار ڪندي سندن طبي معائنو ڪرائڻ ۽ ڪين جيل اماڻڻ جو حڪم ڏنو، جنهن بعد سندن طبي چڪاس سول اسپتال ٺٽو مان ڪرائي ڪين ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو اماڻيو ويو. معززين موجب متاثر نوجوان جهوپڙا هوٽل هلائي پنهنجن گهرن جو گذر سفر ڪندا هئا. جڏهن ته پوليس جي هن عمل سندن روزگار کي سخت متاثر ڪيو آهي ۽ سندن زندگين کي پڻ خطرو لاحق آهي. هنن وڌيڪ چيو ته هو عدالت ذريعي پڻ ملوث اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪرائي چڪا آهن ۽ آءِ جي سنڌ سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ملوث پوليس اهلڪارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري ڪين ضلعي بدر ڪيو وڃي ۽ سندن نوجوانن کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 18

يڪراج سارنگاڻي جي اڳواڻي ۾ مليريا جهڙن موذي مرضن جي خاتمي لاءِ مهم جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي ۽ سيمينار منعقد ڪيو ويو. ڊي ايڇ او آفيس ۾ منعقد ٿيل سيمينار کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر ليڪراج سارنگاڻي چيو ته مليريا خلاف جنگ ۾ طبي احتياط سان گڏ عوامي سهڪار انتهائي لازمي آهي، ڇاڪاڻ ته مڇرن کان بچاءُ ئي اسان جي وڏي ۾ وڏي ڍال آهي ۽ اسان جو مقصد ٿرپارڪر جي هر گهر کي هن مرض کان محفوظ بڻائڻ آهي. انهي موقعي تي سول اسپتال ۽ ڊي ايڇ او آفيس ۾ الڳ الڳ ريليون پڻ ڪڍيون ويون، جن ۾ صحت کاتي جي عملدارن، ڊاڪٽرن، ليڊي هيلٿ وزيٽرز ۽ انڊس اسپتال جي نمائندن شفقت لغاري، ظهير قريشي ۽ فيصل سميت ايڊيشنل ڊي ايڇ او ڊاڪٽر پرت ڪمار، ڊپٽي ڊي ايڇ اوز ڊاڪٽر سترام روپاڻي، ڊاڪٽر مانيتا ۽ ڊاڪٽر غلام محي الدين ڏيرو پڻ موجود هئا. جڏهن ته ضلعي جي مختلف بيسڪ هيلٿ يونٽس ، رورل هيلٿ سينٽرن تي پڻ آگاهي سيشن منعقد ڪيا ويا.

بقايا عوامي سوچ 19

وامي تحريڪ ضلعي ٿرپارڪر جي صدر ايڊووڪيٽ ديال صحرائي، نائب صدر عمر بجير، جنرل سيڪريٽري اي بي چارو، ايڊووڪيٽ ديوتراءِ، رحمان هنگورجو، لولڪاڻي، ماجد پسايو، دولت راهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. ريلي بلاول پارڪ کان ڪشمير چوڪ تائين ڪڍي وئي. خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ملڪ ۾ عوام مٿان مهانگائي جا بم ڪيرائي جيئڻ جنجال ڪيو ويو آهي. اڄ وري 26 روپيه في لٽر تي تيل ۾ واڌ ڪرڻ وارو فيصلو عوام دشمن آهي. آمريڪا پوري دنيا جي مظلوم قومن کي ذليل ڪري رهيو آهي. هينئر ايران ۾ کلي عام دهشتگردي ڪري معصوم ٻارن ۽ عوام تي بمباري ڪري عالمي دهشتگرد هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي. ايراني عوام آمريڪا خلاف هلندڙ جنگ ۾ بهادري سان جنگ ڪئي آهي. آمريڪا پنهنجي مرضي ٿاڦڻ چاهي ٿو جيڪو عالمي قانون جي سخت خلاف ورزي آهي. جنگ جو بهانو بڻائي حڪومت تيل ۽ ٻين شين کي مهانگو ڪري انتهائي غلط ڪيو آهي. مظاهري مهانگائي ۽ آمريڪي سامراج ۽ اسرائيل پاران ايران لبنان ۽ ٻين ملڪ ۾ ڪيل کلي عالمي دهشتگردي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 20

مان 30 ورهين جو حيدرعلي ڪالرو، جنهن جو تعلق ڪاڻ شهر سان آهي، موقعي تي ئي دم ڏٽي حوالي ڪيو. جڏهن ته ٻي نوجوان فوتي جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي، جنهن جو لاش سڃاڻپ لاءِ سول اسپتال ميرپورخاص جي مرده خاني ۾ رکيو ويو آهي حادثي ۾ بالم ميگهواڙ ۽ روي سخت زخمي ٿي پيا. جن مان بالم ميگهواڙ جو تعلق جهول سان ٻڌايو وڃي ٿو جڏهن ته روي جو تعلق به ڪاڻ سان آهي، ٻنهي زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو. واقعي بعد ٽائون ٿاڻي پوليس فوري ڪارروائي ڪندي ٽريڪٽر ٽرالي جي ڊرائيور فريد منگڻهار کي گرفتار ڪري لاڪ اپ حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ٽريڪٽر ٽرالي کي پڻ پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي، جڏهن ته پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 21

روپوش آهي هنن الزام مڙهيو ته ضمانت تي آزاد ٿيل ۽ روپوش جوابدارن کي ڳوٺ جي بااثرن ڳوٺ ۾ واپس رهايو ويو آهي جيڪي ڳوٺ ۾ اچڻ بعد اسان کي مسلسل موتمار ۽ زمين تي قبضي ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جن کي ڳوٺ جي بااثر ماڻهن جي پٺڀرائي حاصل آهي جنهن ڪري ڪنهن به وقت جاني مالي نقصان ٿيڻ جو خدشو آهي جنهن ڪري اعلي اختيارين کي اپيل آهي ته قتل ڪيس ۾ روپوش جوابدار کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف پڻ ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪرڻ سميت ڪو وڏو نقصان ٿيڻ کان بچايو وڃي'

بقايا عوامي سوچ 22

ڪيو . مظاهرين هڪ کان چار اسڪيل تائين نوڪرين جي وڪري تي سخت احتجاج ڪندي چيو ته حقدار ۽ پڙهيل لکيل نوجوانن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، تقريبن نوڪريون پوتارن ۽ سرمائيدارن کي ڏنيون آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي. نوجوانن وڌيڪ مطالبو ڪندي چيو ته بدين ضلعي ۾ دل جي بيمارين لاءِ ڪنهن به خاص اسپتال جي سهولت موجود ناهي، جنهن ڪري مريضن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد ضلعي ۾ دل جي اسپتال قائم ڪئي وڃي. مظاهرين پيٽرول جي وڌندڙ قيمتن ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف پڻ نعريبازي ڪئي ۽ چيو ته روزاني استعمال جون شيون عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر ٿي رهيون آهن. ان کان علاوه، ننڊو شهر ۾ فائر برگيڊ گاڏي جي کوٽ تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي. مظاهرين چيو ته ايمرجنسي حالتن ۾ باه وسائڻ لاءِ ڪا مناسب سهولت موجود ناهي، جيڪا ڪنهن به وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. مظاهرين حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سندن جائز مسئلن جو فوري نوٽيس وٺي حل ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 23

پوليس ڪاٻ ڪارروائي ڪري ناهي سگهي، ان سلسلي ۾ مليل جان موجب ٺٽي شهر جي مال پڙي مان مال جي واپاري صوفن ملاح کي نگ موٽر سائيڪل تي ڪٽي ويا، جن ڪيس جنگشاهي روڊ تي محمد مگسي هوٽل وٽ بوتل ۾ نشو ملائي پياري بيهوش ڪري سندس ڪيسي ۾ پيل پوٽا ٻه لک روپيه ڪيش رقم ڦري فرار ٿي ويا. هوش ۾ اچڻ بعد ڦرجي ويل مال جي واپاري صوفن ملاح حد جي پوليس وٽ وڃي سڄي صورتحال کان پوليس کي آگاهه ڪيو. پوليس رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود ڪاٻ ڪارروائي ڪري ناهي سگهي، ڦرجي ويل واپاري صوفن ملاح چيو ته هو اوڌر تي مال خريد ڪري مال پڙي ۾ وڪرو ڪري گهر وڃڻ جي تياري ۾ هو ته وٽس نامعلوم موٽر سائيڪل سوار ٺگ آيا جن چيو ته ڪيس گهر ڇڏي تا اچون ۽ هو انهن جي چوڻ ۾ اچي ويو. جن ڪيس مڪلي/جنگشاهي روڊ تي منگسي هوٽل وٽ ڪٽي وڃڻ بعد نشي اور بوتل پياري ڪيس بيهوش ڪري سندس ڪيسي ۾ پيل پوٽا 2 لک روپيه ڪيش رقم ڪڍي ڪٽي ويا آهن هن چيو ته هو غريب واپاري آهي، ايتري رقم پرڻ جي منجهس توفيق ناهي، هن ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو ته سانس انصاف ڪري ڪانئس ڪسيل رقم واپس ڪرائي ٺڳن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 24

رن لاءِ شيڊ جي تعمير، پراونشل ڪوسٽل هاءِ وي ڊويزن تحت پنڌ هلندڙ ماڻهن لاءِ ڪراسنگ پل، مڪلي پبلڪ پارڪ ۾ ڊجيٽل لائبريري جي قيام ، ڊگهي عرصي کان التوا جو شڪار آڊيٽوريم منصوبو ۽ تاريخي جامع مسجد جي بحالي جو مرمتي ڪم شامل آهن.دوري دوران لاڳاپيل عملدارن ڊپٽي ڪمشنر کي منصوبن جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني،ان موقعي تي سرمد علي پاڳت سيني لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته ترقياتي اسڪيمن کي مقرر مدي اندر شفافيت ۽ معيار سان مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي جلد کان جلد انهن جا فائدا ملي سگهن.هن چيو ته انهن منصوبن جي بروقت تڪميل سان ٽرانسپورٽ سهولتن، تعليمي موقعن ۽ بنيادي شهري سهولتن ۾ بهتري ايندي، جڏهن ته شهرين جي محفوظ آمدورفت کي به يقيني بڻائي سگهجي ٿو.ڊپٽي ڪمشنر ان عزم جو اعادو ڪيو ته ضلعي انتظاميه ترقياتي منصوبن جي بروقت تڪميل ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي ۾ بهتري لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي.

بقايا عوامي سوچ 25

ڪوششون ڪيون پيون وڃن، جنهن سبب سندن روزگار سخت متاثر ٿي رهيو آهي پريس ڪانفرنس دوران پير احمد سعيد جان سرهندي، پير اشفاق جان سرهندي، پير عاصم جان سرهندي ۽ پير آغا عبدالرحمن سرهندي صحافين کي ٻڌايو ته آچر مال پڙي 1999 کان لڳندي اچي رهي آهي ۽ وقت سان گڏ علائقي جي واپار ۽ معيشت جو اهم مرڪز بڻجي چڪي آهي، جتي سوين ماڻهن جو روزگار وابسته آهي هنن چيو ته ڪجهه بااثر ڌرين طرفان هن ڪاروبار کي بند ڪرائڻ لاءِ مختلف حربا استعمال ڪيا پيا وڃن هنن الزام هنيو ته 2008 ۾ پيپلزپارٽي جي حڪومت قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ايم پي اي اعجاز شاه بخاري پنهنجي ماڻهن ذريعي مختلف وقتن تي پتو وٺڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، جنهن ڪري هو 2009 ۾ عدالت سان رجوع ڪرڻ تي مجبور ٿيا هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ڊبل بينچ سندن حق ۾ فيصلو ڏيندي واضح ڪيو ته آچر مال پڙي سندن ذاتي ملڪيت تي لڳندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪو سرڪاري ادارو ٽيڪس وصول ڪرڻ چاهي ته اهو مال پڙي جي حدن کان ٻاهر وصول ڪري سرهندي خاندان جي اڳواڻن وڌيڪ ٻڌايو ته 2024 جي عام چونڊن ۾ ايم پي اي اعجاز شاهه بخاري جي مقابلي ۾ اليڪشن وڙهڻ ڪانپوءِ ساڻن مبينا طور انتقامي ڪارروائين جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي هنن چيو ته هاڻي ضلعي انتظاميه کي استعمال ڪندي پوليس معرفت مال پڙي ۾ ايندڙ مال کي روڪي واپس ڪيو پيو وڃي، جنهن سبب واپارين ۽ مزدورن کي شديد نقصان پهچي رهيو آهي هنن دعويٰ ڪئي ته جڏهن هن معاملي بابت ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پي سان رابطو ڪيو ويو ته ڪنهن به اداري طرفان ان ڪارروائي جي ذميواري قبول نه ڪئي وئي، جيڪا ڳڻتي جوڳي صورتحال آهي پريس ڪانفرنس دوران سرهندي خاندان حڪومت، اعليٰ اختيارين ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته سندن ڪاروبار کي بند ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ سرڪاري مشينري کي فوري طور روڪيو وڃي ۽ ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي آخر ۾ هنن سخت ردعمل ڏيندي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن آچر تي لڳندڙ مال پڙي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هو سخت احتجاج ڪندا ۽ پنهنجي حقن لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندا

بقايا عوامي سوچ 26

م ۽ وڏو ترقياتي قدم شروع ڪيو ويو آهي ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن تي نئين مرڪزي لائين نمبر 5 کي موجوده واٽر نيٽ ورڪ سان ڳنڍڻ (انٽرڪنڪشن) جو باقاعده ڪم شروع ڪيو ويو آهي. اهيو عمل اڄ 25 اپريل، ڇنڇر ڏينهن منجهند 1 وڳي شروع ڪيو ويو. جنهن جو مقصد شهر جي وڏي حصي کي پاڻي جي فراهمي واري نظام کي وڌيڪ بهتر ۽ مستحڪم بڻائڻ آهي. ترجمان ٻڌايو ته هن منصوبي تحت نه رڳو نئين لائين کي موجوده نظام سان ڳنڍيو پيو وڃي پر جديد والوز جي تنصيب جو عمل پڻ جاري آهي ته جيئن پاڻي جي دٻاءُ ۽ ترسيل کي وڌيڪ مؤثر انداز ۾ ڪنٽرول ڪري سگهجي. ڪم دوران ڌابيجي فورٽ فيز ڪي ٿري ۽ ڪي ٿري مان پاڻي جي فراهمي عارضي طور تي معطل رهندي، واضح رهي ته ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جي مجموعي طور 21 پمپن مان صرف 9 پمپن کي عارضي طور بند ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڌابيجي جي ٻين پمپن سميت حب پمپنگ اسٽيشن کان شهر کي پاڻي جي فراهمي معمول مطابق جاري رهندي. ترجمان جو وڌيڪ چوڻ هو ته هن منصوبي جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ڪراچي جي پاڻي جي ترسيل واري نظام ۾ نمايان بهتري ايندي ۽ شهرين کي وڌيڪ بهتر، مستحڪم ۽ مؤثر پاڻي جي فراهمي ممڪن ٿي سگهندي. ترجمان متاثر علائقن جي رهواسين کي اپيل ڪندي چيو ته هوءَ ڪم دوران پاڻي جو احتياط سان استعمال ڪن ته جيئن ڪنهن به قسم جي پريشاني کان بچي سگهجي.

بقايا عوامي سوچ 27

ه کولڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو ميرپور ماٿيلو ۾ تڪراري گتو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين مولانا محمد اسحاق لغاري مولانا عبدالغفار چاچڙ تفصيل موجب اوٻاوڙي وارو تڪراري شراب وارو گتو ميرپور ماٿيلو ۾ کولڻ جو اطلاع ملندي ئي هڪ ڀيرو ٻيهر جمعيت علماء اسلام ميدان تي اچي وئي آهي ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن جمعيت علماء اسلام ضلعي گهوٽڪي ۽ تعلقه ميرپور ماٿيلو جي مجلس عامله جو هنگامي اجلاس جمعيت علماء اسلام جي ضلعي امير حافظ سراج احمد چنه جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ جمعيت علماء اسلام جي صوبائي اڳواڻ مولانا محمد اسحاق لغاري مولانا عبدالغفار چاچڙ مولانا نعيم الله لغاري حافظ حماد الله چاچڙ سميت وڏي انگ ۾ عهديدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مولانا محمد اسحاق لغاري حافظ سراج احمد چنه مولانا عبدالغفار چاچڙ ۽ ٻين جو چوڻ هو ته ميرپور ماٿيلو ۾ تڪراري شراب خانو کولڻ جي ڪوشش ڪئي ڪئي وئي ته سخت مزاحمت ڪئي ويندي هنن چيو ته گڏجاڻي ۾ متفقه طور تي قرارداد پاس ڪئي وئي آهي ته فوري طور تي ميرپور ماٿيلو ۾ شراب خانو کولڻ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي ٻي صورت ۾ پهرين مرحلي ۾ ايڪسائيز کاتي جي صوبائي ۽ ڊويزنل آفيسرن کي درخواستون ڏنيون وينديون ۽ هڪ ڪاميٽي تشڪيل ڏني ويندي جيڪا سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهر جي صراف بازار يونين تاجرن ۽ سمورن تنظيمن جي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون وينديون جنهن بعد ٻين مرحلي ۾ شهر جي سمورن سياسي سماجي اڳواڻن سان گڏ تاريخي ريلي ڪڍي احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو هنن چيو ته ميرپور ماٿيلو ۾ تڪراري شراب جو گتو ڪنهن به صورت ۾ کولڻ نه ڏيندا سين

بقايا عوامي سوچ 28

گهوٽڪي جي آفيس آڏو پهچي دوستي لاءِ تنگ ڪندڙ اوباش نوجوانن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي صنم ملڪ ولد نور حسن ملڪ چيو ته آئون پرائيويٽ اسڪول ۾ ٽيچنگ ڪري پنهنجي گهر جو گذر سفر ڪندي آهيان ڪجه وقت کان جوابدار نعيم ملڪ ڪليم ملڪ سليم ملڪ دوستي رکڻ لاءِ حراسان ڪندا رهيا آهن جنهن بعد آئون انهن جي وڏي خادم حسين ملڪ کي اهڙي ادم حسين ملڪ کي اهڙي غلط حرڪتن خلاف دانهون ڏنيون ته ته هو سڀ مڇرجي پيا جن اسلحي جي زور منهنجي گهر ۾ گهڙي حملو ڪري بي رحماڻو تشدد ڪيو جنهن سبب منهنجا ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا ۽ ٻنهي ٻاهن ۾ فريڪچر اچي ويو آهي هن چيو ته اهڙي واقعي بعد جڏهن اسان ڍهرڪي ٿاڻي تي ويا سين ته پوليس ڪنهن به قسم جو تعاون نه ڪيو جنهن بعد مجبور ٿي ايس ايس پي آفيس احتجاج ڪيون پيا خدارا اسان سان انصاف ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي هن چيو ته جوابدارن جي خوف سبب اسڪول وڃڻ کان قاصر آهيان جوابدار سر عام عزت لٽڻ جون ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن جيڪو ظلم آهي هن ايس ايس پي گهوٽڪي ڊي آءِ جي سکر سميت وس وارن کان انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 29

نهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو.اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او گلاب لغاري فياض ٻرڙو پوليس ٽيم سميت واقعي واري هنڌ پهچي لاش وڻ مان لاهي پنهنجي تحويل ۾ ورتو. پوليس موجب ابتدائي جاچ دوران وارثن ٻڌايو آهي ته نوجوان گهرو اڻبڻت سبب دل برداشت ٿي اهو قدم کنيو. پوليس ضروري ڪاغذي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو. لاش گهر پهچڻ تي علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل رهي ۽ گهر ڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو. پوليس موجب وڌيڪ جاچ جاري آهي ته جيئن واقعي جي سمورن پهلوئن کي واضح ڪري سگهجي.

ميرپورخاص دلبر مهر ٽاڻي جي حد ڳوٺ طارق چانديو جي رهواسين پاران بااثر ماڻهن جي زيادتين خلاف احتجاج

علائقي جا بااثر عياش پرست ۽ بدمعاش ماڻهو ڪين مسلسل هراسان ڪري رهيا آهن

رات ڏينهن بنا خوف جي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو پيو وڃي جنهن سبب هو سخت خوف ۽ بيچيني جو شڪار آهن

معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي بااثر ماڻهن ۽ سندن سهولتڪار پوليس اهلڪارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) دلبر مهر ٽاڻي جي حد ڳوٺ طارق چانديو جي رهواسين پاران بااثر ماڻهن ۽ مبينا طور سندن سهولتڪار پوليس اهلڪارن جي زيادتين خلاف ميرپورخاص پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جتي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

سنڌڙي ۾ مارجي ويل 20 ورهين جي نوجوان خان محمد مري جي ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف وارثن پاران احتجاج

جتي مظاهرين پوليس جي ناانصافين خلاف سخت نعريبازي ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو

ٻن پوليس اهلڪارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪرڻ باوجود پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي

عدالتي حڪم جي ڪاپي ڪٺي سنڌڙي ٿاڻي پهتو جتي موجود پوليس اهلڪارن مبينا طور ڪيس اچي پني تي زبردستي صحيحون ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي

ميرپورخاص (رپورٽ سومارسميجو) سنڌڙي ٿاڻي جي حد ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل 20 ورهين جي نوجوان خان محمد مري جي ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف وارثن پاران پريس ڪلب ميرپورخاص آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سجاول ۾ عالمي يوم مليريا جي موقعي تي آگاهي واڪ ڪيو ويو

عالمي يوم مليريا جي موقعي تي ضلعي سجاول ۾ صحت کاتي پاران آگاهي واڪ جو اهتمام ڪيو ويو

جنهن جو مقصد عوام ۾ مليريا کان بچاءُ ۽ ان جي تدارڪ بابت شعور پيدا ڪرڻ هو

سجاول (رپورٽر) سجاول ۾ عالمي يوم مليريا جي موقعي تي آگاهي واڪ ڪيو ويو. عالمي يوم مليريا جي موقعي تي ضلعي سجاول ۾ صحت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ريحانه لغاري جي گاڏي سان برانچ موري پرسان موٽر سائيڪل جو ٽڪر ٿي پيو

پنهنجي نياڻي ۽ ٻارن سان گڏ هئي، پر بروقت گاڏي ڪناري تي لاهي وڏي حادثي کان بچي ويا

هن واقعي تي جذباتي ٿيندي چيو ته موٽر سائيڪل هلائيندڙ جڻ هوش ۾ نه هو ۽ شڪ ظاهر ڪيو

شايد ڪيس ڪنهن سياسي مخالف طرفان موڪليو ويو هجي. علائقي واسين موجب حادثي ۾ موٽر سائيڪل کي به نقصان ٿيو آهي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) ٺٽو–سجاول روڊ تي حادثو پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ريحانه لغاري جي گاڏي سان برانچ موري پرسان موٽر سائيڪل جو ٽڪر ٿي پيو ريحانه لغاري ٻڌايو ته هو پنهنجي نياڻي ۽ ٻارن سان گڏ هئي، پر بروقت گاڏي ڪناري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب4

گمبٽ جي ريپريءَ ۾ نامعلوم شرپسندن صحافيءَ جي گهر کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو اله تل سڙي خاڪ ٿي ويو

تعلقي گمبٽ جي ريپري ۾ صحافي نظير پنهور جي گهر کي منشيات فروشن ۽ جوارين ۽ سماجي برائين خلاف خبرون هلائڻ تان شرپسندن باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

ڪنهن سان ڪا به دشمني ڪونهي حق سچ لکڻ جي سزا ڏني وئي آهي حق سچ لکندو رهندس

نامعلوم شرپسندن گذريل رات اونداهيءَ جي فائدو وٺي گهر کي باهه ڏني جنهن سبب باهه لڳڻ سان گهر جو قيمتي سامان ۽ جانور سڙي خاڪ ٿي ويا

گمبٽ(رپورٽ) تعلقي گمبٽ جي ريپريءَ ۾ نامعلوم شرپسندن صحافيءَ جي گهر کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو اله تل سڙي خاڪ ٿي ويو تفصيل موجب تعلقي گمبٽ جي ريپري ۾ صحافي نظير پنهور جي گهر کي منشيات فروشن ۽ جوارين ۽ سماجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب5

دادو جي رهواسي صاحب خان پنهور پنهنجي زال فاطمه ۽ ٻن معذور ٻارڙن انيتا ۽ شريف سان گڏجي احتجاج

ڳوٺ جي بااثر ڏوهاري عبدالغفور پنهور سندن 8 ويسا پلاٽ تي قبضو ڪري اوطاق ٺهرائي ڳوٺاڻن لاءِ عام رستو بند ڪري ڇڏيو آهي

قبضي خلاف آواز اٿارڻ تي پوليس اهلڪار ڊرائيور ممتاز پنهور جي پٽ ۽ ٻين مونکي اغوا ڪرائي تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد مونکي ڇڏي ڏنو

سندس پٽ محمد حنيف پنهور دبئي ۾ محنت مزدوري ڪري ٿو، مخالف ڌر هر مهيني 25 هزار ڀتو ڏيڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيا آهن

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو پرسان ڳوٺ سهراب ڪنڌي جي رهواسي صاحب خان پنهور پنهنجي زال فاطمه ۽ ٻن معذور ٻارڙن انيتا ۽ شريف سان گڏ دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڳوٺ جي بااثر ڏوهاري عبدالغفور /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

احمدپور ۾ باگڙين جي گهرن کي اوچتو باهه لڳي وئي

باهه لڳڻ سبب باگڙين جا 3 گهر ۽ گهرن ۾ پيل روڪ رقم اناج سميت سمورو سامان ۽ ٻه ٻڪريون به سڙي مري ويون

احمدپور ۾ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرسان رهندڙ باگڙين جي گهرن کي اوچتو سولر جي تارن مان باهه لڳي وئي

3 بيٽريون ڪپڙا ڪٿون هنڌن سميت گهرن ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي وڃڻ سان گڏ سندن جون 2 وڏيون ٻڪريون به سڙي مري ويون آهن

احمدپور(رپورٽ سرفرازعلي ميتلو) احمدپور ۾ باگڙين جي گهرن کي اوچتو باهه لڳي وئي، باهه لڳڻ سبب باگڙين جا 3 گهر ۽ گهرن ۾ پيل روڪ رقم اناج سميت سمورو سامان ۽ ٻه ٻڪريون به سڙي مري ويون. رپورٽ موجب احمدپور ۾ گورن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

لائيواسٽاڪ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي صاحب جن جي صدارت ۾ سنڌس آفيس تي ٿي گذريو

پيپلزپارٽي عوام جي ترجمان پارٽي آهي ورڪر پارٽي جو سرمايو آهن ڪنهن به ورڪر کي نه وساريو ويندو

سيني دوستن کي ايجيسٽ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪنداسين جن دوستن کي پارٽي پاران ذميواريون سونپيون ويون آهن

سجاول (رپورٽ: امتياز ميمڻ) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع سجاول جو تعارفي اجلاس پيپلز پارٽي ضلع صدر صوبائي وزيرفشريز ۽ لائيواسٽاڪ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي صاحب جن جي صدارت ۾ سنڌس آفيس تي ٿي گذريو جنهن کي خطاب ڪندي صوبائي وزير ۽ ضلعي صدر رئيس محمد علي خان ملڪاڻي چيو ته پيپلزپارٽي عوام جي ترجمان پارٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

لڪڙ جي چار دڪانن ۾ لڳل خطرناڪ باهه پنجن ڪلاڪن جي مسلسل جدوجهد ڪانپوءِ مڪمل طور تي وسائي وئي

جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو، جڏهن ته لکين روپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو

اوٻاوڙو شهر جي مين روڊ تي بانس لڪڙن جي دڪانن کي اوچتو لڳل باهه ڏسندي ئي ڏسندي شدت اختيار ڪري وئي

اوٻاوڙو (رپورٽ: عبدالحميد عباسي) اوٻاوڙو جي مين روڊ تي بانس ۽ لڪڙ جي چار دوڪانن ۾ لڳل خطرناڪ باهه پنجن ڪلاڪن جي مسلسل جدوجهد ڪانپوءِ مڪمل طور تي وسائي وئي، جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

عوامي تحريڪ طرفان ملڪ ۾ تيل جي قيمتن ۾ هترادو واڌ خلاف احتجاج

ملڪ ۾ عوام مٿان مهانگائي جا بم ڪيرائي جيئڻ جنجال ڪيو ويو آهي

اڄ وري 26 روپيه في لٽر تي تيل ۾ واڌ ڪرڻ وارو فيصلو عوام دشمن آهي

مٺي (ڊ_رمحمدرحيم مگريو) مٺي ۾ عوامي تحريڪ طرفان ملڪ ۾ تيل جي قيمتن ۾ هترادو واڌ، مهانگائيءَ ۽ آمريڪي سامراج جي جارحيت خلاف ع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي جي اڳواڻي ۾ مليريا جهڙن موذي مرضن جي خاتمي لاءِ مهم جي سلسلي ۾ ريلي

مليريا خلاف جنگ ۾ طبي احتياط سان گڏ عوامي سهڪار انتهائي لازمي آهي

اسان جو مقصد ٿرپارڪر جي هر گهر کي هن مرض کان محفوظ بنائڻ آهي

مٺي (رپورٽر محمدرحيم مگريو) مليريا جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان ضلعي صحت کاتي ٿرپارڪر پاران ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ايس ايڇ او مظهر ڪنگو سميت پوليس اهلڪارن پوليس گردي جي انتها ڪري ڇڏي آهي: حمير خان سرڪي

جڏهن نوجوانن کي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ٺٽو جي عدالت ۾ ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو ويو

هنن عدالت آڏو پوليس تشدد جون شڪايتون ڪيون ۽ جسم تي موجود نشان ڏيکاريا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ سرڪي برادري جي معززين حمير خان سرڪي، پورو سرڪي، غلام قادر سرڪي، عبدالرزاق سرڪي، نورحسن سرڪي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

احمدپور ۾ باگڙي برادريءَ جي ٽن گهرن جي سڙي وڃڻ ڪانپوءِ باهه متاثرين جي مالي مدد ڪئي وئي

سيد هارون شاهه راشدي پنهنجي ٽيم سميت پهچي باهه متاثرين جي مالي مدد ڪئي

احمدپور (رپورٽ سرفرازعلي ميتلو) احمدپور ۾ باگڙي برادريءَ جي ٽن گهرن جي سڙي وڃڻ ڪانپوءِ باهه متاثرين وٽ تعلقي ڪنگري جي مسي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان جي سالياني چونڊ

چونڊ ڪميٽي جي ميمبرن غلام نبي ”شاعر“ خاصخيلي ۽ محمد اشرف گنجلاڻي جي نگراني هيٺ ٿي گذري

چنگ نواز حاڪم علي سولنگي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري محفل کي وڌيڪ رنگين بڻايو

ٽنڊو محمد خان (سلمان شيخ) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان جي سالياني چونڊ سال 2026ع لاءِ ضلعي رابطا سيڪريٽري ۽ چون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ٽنڊومحمدخان. سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊومحمدخان جي گڏجاڻي جو ڏيک

بدين سماج سڌارڪ ۽ ناميارو وڪيل عبدالڪريم دل جي سالگره ملهائي وئي

پروقار تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽڻ بعد وڪيل ڀائرن پاران نيڪ تمنائن سان خوشي جو اظهار سالگره جون ڪين مبارڪون ڏنيون

وڪيل عبدلڪريم دل جي جنم ڏينهن جي موقعي تي بار هائوس بدين تي هڪ پروقار تقريب

بدين (رجب راهمون) بدين سماج سڌارڪ ۽ ناميارو وڪيل عبدالڪريم دل جي سالگره ملهائي وئي پروقار تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽڻ بعد وڪيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

حفاظتي ٽڪن جي عالمي هفتي جي سلسلي ۾ هيلٿ کاتي ٿرپارڪر ۽ روٽريڪٽ طرفان تقريب

ڊاڪٽر شنڪرلال، معظم جتوئي ۽ ٻين معززين سميت سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت

جيستائين عوام ۾ آگاهي مهم ڪي نه وڌايو ويندو تيستائين اسانکي بهتر نتيجا نه ملي سگهندا

مٺي (رپورٽ محمدرحيم مگريو)حفاظتي ٽڪن جي عالمي هفتي جي سلسلي ۾ هيلٿ کاتي ٿرپارڪر ۽ روٽريڪٽ طرفان رورل هيلٿ سينٽر ۾ حفاظتي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

MATERNAL & CHILD HEALTH-BLOCK
RURAL HEALTH CENTRE ISLAMKOT DISTT: THARPARKAR
حفاظتي ٽڪن جو عالمي هفتو
24 کان 30 اپريل 2026
DISTRICT HEALTH OFFICER THARPARKAR AT MITHI.

مليريا جو عالمي ڏينهن جوش ۽ جذبي سان ملهائيو ويو

مليريا آفيس کان سول اسپتال جي گيٽ تائين واڪ ڪيو ويو

گندي پاڻي جي تلائن، نالين، گند ڪچري لاءِ مليريا آفيس مان دوا وٺي انهن کڏن ۾ وڌي وڃي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) مليريا جو عالمي ڏينهن جوش ۽ جذبي سان ملهائيو ويو. مليريا آفيس کان سول اسپتال جي گيٽ تائين واڪ ڪيو و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ٽنڊوآدم پوليس پاران ايس يو پي ۽ ٻين قوم پرست پارٽين خلاف ڇاپن جو سلسلو شروع

پوليس ايس يو پي اڳواڻ سڪندر ملوڪاڻي سميت ٽن ورڪرن کي گرفتار ڪري ورتو آهي

پوليس اهي گرفتاريون سائين جي ايم سيد جي سالگرا کي ناڪام ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪري رهي آهي

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم پوليس پاران ايس يو پي ۽ ٻين قوم پرست پارٽين خلاف ڇاپن جو سلسلو شروع پوليس ايس يو پي اڳواڻ سڪندر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

پرائمري اسڪول جي عمارت ڊگهي عرصي کان مرمت نه ٿيڻ سبب انتهائي زبون حالت اختيار ڪري وئي

جنهن ڪري شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي

اسڪول جي ڇت ۽ ديوارون ڪمزور ۽ ٽٽل هجڻ سبب روزانو ڇاپڙ ڪرڻ جا واقعا پيش اچي رهيا آهن

بدين (رجب راهمون) بدين ساحلي پٽي جي يونين ڪائونسل ڀڳڙا ميمڻ جي قديمي ڳوٺ ٻچل جکرو ۾ قائم پرائمري اسڪول جي عمارت ڊگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ميرپورخاص جي ڪاڻ ناڪي تي تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي بي قابو ٿي منائي جي دڪان اڳيان بيٺل رڪشي تي چڙهي وئي

جنهن جي نتيجي ۾ رڪشي ۾ سوار ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا، فوتين مان 30 ورهين جو حيدرعلي ڪالرو جنهن جو تعلق ڪاڻ شهر سان آهي

ٻي نوجوان فوتي جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي، جنهن جو لاش سڃاڻپ لاءِ سول اسپتال ميرپورخاص جي مرده خاني ۾ رکيو ويو

حادثي ۾ بالم ميگهواڙ ۽ روي سخت زخمي ٿي پيا، جن مان بالم ميگهواڙ جو تعلق جهول سان ٻڌايو وڃي ٿو

ميرپورخاص (رپورٽ: سومار سميجو) ميرپورخاص جي ڪاڻ ناڪي تي تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي بي قابو ٿي منائي جي دڪان اڳيان بيٺل رڪشي تي چڙهي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ رڪشي ۾ سوار ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا، فوتين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

رسول آباد جي رهواسي ساجد علي چنو پنهنجي سوٽ شوڪت علي سان گڏجي احتجاج

هنگورجا (رپورٽر)رسول آباد جي رهواسي ساجد علي چنو پنهنجي سوٽ شوڪت علي سان گڏجي هنگورجا پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته چار سال اڳ مخالف مائٽن زمين جي تڪرار تان منهنجي والد حبدار علي کي قتل ڪيو هو جنهن جو 7 جوابدارن تي ڪيس داخل ڪرايو ويو هو جن مان 3 جوابدار جيل ۾ آهن ۽ 3 ضمانت تي جڏهن ته هڪ جوابدار /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ننڊو شهر جي نوجوان وڪيل عبدالوهاب پرڳڙي جي اڳواڻي ۾ احتجاج

حقدار ۽ پڙهيل لکيل نوجوانن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي، تقريبن نوڪريون پوٽارن ۽ سرمائيدارن کي ڏنيون آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي

بدين ضلعي ۾ دل جي بيمارين لاءِ ڪنهن به خاص اسپتال جي سهولت موجود ناهي

جنهن ڪري مريضن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو

بدين (رجب راهمون) ننڊو شهر جي نوجوان وڪيل عبدالوهاب پرڳڙي جي اڳواڻي ۾ ڪامريڊ محمد حسين درس انور علي ملاح، اسماعيل ملاح، علي پرڳڙي، ۽ ٻين پاران پريس ڪلب ننڊو اڳيان اهم عوامي مسئلن خلاف احتجاجي مظاهرو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ٺڳن ڦرڻ جا نوان طريقا ڳولي لڌا، مال جو واپاري صوفن ملاح به پونا 2 لک روپيه ڦرائي ويٺو

پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود پوليس ڪابه ڪاروائي ڪري ناهي سگهي

ٺٽي شهر جي مال پڙي مان مال جي واپاري صوفن ملاح کي ٺڳ موٽر سائيڪل تي ڪٽي ويا

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺڳن ڦرڻ جا نوان طريقا ڳولي لڌا، مال جو واپاري صوفن ملاح به پونا 2 لک روپيه ڦرائي ويٺو پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت مڪلي ۽ ٺٽي جي مختلف علائقن جو دورو

ڊگهي عرصي کان التوا جو شڪار آڊيٽوريم منصوبو ۽ تاريخي جامع مسجد جي بحالي جو مرمتي ڪم شامل آهن

دوري دوران لاڳاپيل عملدارن ڊپٽي ڪمشنر کي منصوبن جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ترقياتي اسڪيمن کي مقرر مدي اندر شفافيت ۽ معيار سان مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي جلد کان جلد انهن جا فائدا ملي سگهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت مڪلي ۽ ٺٽي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو، جتي هن جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو انهن منصوبن ۾ اولڊ ايس آر ٽي سي بس اسٽينڊ جي مرمتي ڪم ۽ مساف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

27 سالن کان هلندڙ آچر مال پڙي کي غيرقانوني طور بند ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن: سماجي اڳواڻ

آچر مال پڙي 1999 کان لڳندي اچي رهي آهي ۽ وقت سان گڏ علائقي جي واپار ۽ معيشت جو اهم مرڪز بڻجي چڪي آهي

ڪجهه بااثر ڌرين طرفان هن ڪاروبار کي بند ڪرائڻ لاءِ مختلف حربا استعمال ڪيا پيا وڃن

2008 ۾ پيپلزپارٽي جي حڪومت قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ايم پي اي اعجاز شاهه بخاري پنهنجي ماڻهن ذريعي مختلف وقتن تي ڀتو وٺڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو

ٽنڊو محمد خان (سلمان شخ)ٽنڊو محمد خان جي علائقي ٽنڊو سائينداد ۾ سرهندي خاندان جي اهم سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته سنڌن 27 سالن کان هلندڙ آچر مال پڙي کي غيرقانوني طور بند ڪرڻ جون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ٽنڊومحمدخان. اپوزيشن اڳواڻ پير احمد سعيد جان سرهندي پريس ڪانفرنس ڪندي

ڏابيجي پمپنگ اسٽيشن تي نئين مرڪزي لائين نمبر 5 کي موجوده واٽر نيٽ ورڪ سان ڳنڍڻ (انٽرڪنڪشن) جو باقاعده ڪم شروع

جنهن جو مقصد شهر جي وڏي حصي کي پاڻي جي فراهمي واري نظام کي وڌيڪ بهتر ۽ مستحڪم بڻائڻ آهي : ترجمان

هن منصوبي تحت ذرڳو نئين لائين کي موجوده نظام سان ڳنڍيو پيو وڃي پر جديد والوز جي تنصيب جو عمل پڻ جاري آهي

جيئن پاڻي جي دٻاءَ ۽ ترسيل کي وڌيڪ مؤثر انداز ۾ ڪنٽرول ڪري سگهجي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو)سنڌ حڪومت ۽ عالمي بينڪ جي سهڪار سان ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج سروسز امپروومنٽ پروجيڪٽ (KWSSIP)تحت شهر ۾ پاڻي جي فراهمي واري نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ لاءِ هڪ اه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

اوٻاوڙي وارو تڪراري شراب وارو گتو ميرپور ماٿيلو ۾ کولڻ جون تياريون جي يو آئي حرڪت ۾ اچي وئي

مجلس عامله جو هنگامي اجلاس ايڪسائيز کاتي کي تڪراري گتو ڪنهن به صورت ۾ ميرپور ماٿيلو ۾ نه کولڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو

ميرپور ماٿيلو ۾ تڪراري گتو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين مولانا محمد اسحاق لغاري مولانا عبدالغفار چاچڙ

اوٻاوڙي وارو تڪراري شراب وارو گتو ميرپور ماٿيلو ۾ کولڻ جو اطلاع ملندي ئي هڪ ڀيرو ٻيهر جمعيت علماءِ اسلام ميدان تي اچي وئي آهي

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) اوٻاوڙي وارو تڪراري شراب وارو گتو ميرپور ماٿيلو ۾ کولڻ جون تياريون جي يو آئي حرڪت ۾ اچي وئي مجلس عامله جو هنگامي اجلاس ايڪسائيز کاتي کي تڪراري گتو ڪنهن به صورت ۾ ميرپور ماٿيلو ۾ ن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڏهرڪي جي رهواسڻ ماسترياڻي جو وارثن سان گڏ دوستي لاءِ تنگ ڪندڙ اوباشن خلاف احتجاجي مظاهرو

اوباش نوجوان دوستي رکڻ لاءِ ڌرتي ٽرامو بڻائي ڇڏي آهي خوف سبب اسڪول وڃڻ کان قاصر آهيان متاثر عورت صنم ملڪ جون ميڊيا آڏو دانهون

ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو پهچي دوستي لاءِ تنگ ڪندڙ اوباش نوجوانن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ڏهرڪي جي رهواسڻ ماسترياڻي جو وارثن سان گڏ دوستي لاءِ تنگ ڪندڙ اوباشن خلاف احتجاجي مظاهرو اوباش نوجوان دوستي رکڻ لاءِ ڌرتي ٽرامو بڻائي ڇڏي آهي خوف سبب اسڪول وڃڻ کان قاصر آهيان متاثر عورت صنم ملڪ جون ميڊيا آڏو دانهون تفصيل موجب ڏهرڪي جي رهواسي عورت صنم ملڪ گزريل ڏينهن وارثن سان گڏ ايس ايس پي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ميرپورماٿيلو، ڏهرڪي جي رهواسڻ ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪري رهي آهي.

گلاب لغاري ٿاڻي جي حد چڪون جي باغ مان هڪ افسوسناڪ واقعو سامهون آيو

جتي 14 ورهين جو نوجوان آڪاش پٽ ڏنو ڪولهي مبينا طور ڳچي ۾ ڦاهو ڏئي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

گلاب لغاري فياض ٻرڙو پوليس ٽيم سميت واقعي واري هنڌ پهچي لاش وڻ مان لاهي پنهنجي تحويل ۾ ورتو

ٽنڊو محمد خان (سلمان شيخ) شيخ پرڪيولگ ڪراچي هوٽل ويجهو، گلاب لغاري ٿاڻي جي حد چڪون جي باغ مان هڪ افسوسناڪ واقعو سامهون آيو، جتي 14 ورهين جو نوجوان آڪاش پٽ ڏنو ڪولهي مبينا طور ڳچي ۾ ڦاهو ڏئي پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29